ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اڱارو 31 مارچ 2026ع 11 شوال المكرم 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (225)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ايران آبناءِ هرمز نه کوليو ته ان جي تيل، يورينيم ذخيرن ۽ بجلي گهرن کي تباهه ڪنداسين: آمريڪي صدر جي ڌمڪي

هرمز جي بندش سبب عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي فراهمي ۾ وڏي کوٽ پيدا ٿي وئي آهي، قيمتون 200 ڊالر في بيرل تائين پهچڻ جا خدشا وڌي ويا، ٽرمپ جو ايران خلاف فوجي آپريشن تي غور
آمريڪا ايران ۾ هڪ نئين ۽ وڌيڪ مناسب نظام سان سنجيدا ڳالهيون ڪري رهيو آهي ته جيئن آمريڪي فوجي ڪارروائين جو خاتمو آڻي سگهجي، اهم اڳڀرائي به ٿي آهي: صدر ٽرمپ
جلد معاهدو نه ٿيو يا آبناءِ هرمز فوري طور نه کوليو ويو ته اسان ايران ۾ پنهنجي موجودگي ختم ڪندي انهن جي سمورن بجلي پيدا ڪندڙ پلانٽن، تيل جي کوهن ۽ خارگ ٻيٽ کي تباهه ڪري ڇڏينداسين
گذوگڏ پاڻي صاف ڪندڙ پلانٽس کي به تباهه ڪيو ويندو اهو قدم انهن سمورن آمريڪي فوجين ۽ شهرين جي موت جو بدلو هوندو جن کي ايران 47 سالن جي دهشتگردي واري دور ۾ قتل ڪيو
لبنان ۾ حزب الله جي حملي ۾ هڪ اسرائيلي فوجي مارجي ويو، ايران پنهنجي نيول ڪمانڊر علي رضا تنگسيري جي شهادت جي تصديق ڪري ڇڏي، ايران جي مختلف علائقن ۾ حملا جاري
جيڪڏهن ايران ڳالهين ۾ يورينيم نه ڏنو ته ڊونلڊ ٽرمپ طاقت جو استعمال ڪري سگهي ٿو يورينيم قبضي ۾ وٺڻ لاءِ ٽارگيٽڊ آپريشن جنگ جي ٽائم لائن کي گهٽ نه وڌائيندو: آمريڪي اخبار جي رپورٽ
آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران مان هڪ هزار پائونڊ يورينيم ڪڍڻ لاءِ فوجي آپريشن تي غور ڪري رهيو آهي، يورينيم ڪڍڻ هڪ ڏکيو ۽ خطرناڪ مشن آهي، آمريڪي فورسز کي ايران اندر رهڻو پوندو

تهران/واشنگٽن/تل ابيب/بيروت (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران کي آبناءِ هرمز فوري طور کولڻ جو الٽيميٽم ڏيندي چيو آهي ته معاهدو نه ٿيڻ جي صورت ۾ ايراني تيل جي کوهن بجلي گهرن ۽ يورينيم ذخيرن کي نشانو بڻايو ويندو ٻئي پاسي هرمز جي بندش سبب عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي فراهمي ۾ وڏي کوٽ پيدا ٿي وئي آهي جنهن ڪري قيمتون 200 ڊالر في بيرل تائين پهچڻ جا خدشا آهن هوڏانهن لبنان ۾ حزب الله جي
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

مشڪل وقت ۾ معاشي طور ڪمزور طبقن کي اڪيلو نه ڇڏينداسين، عام ماڻهن تان بار گهٽائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن: صدر آصف زرداري

وفاقي حڪومت صوبائي حڪومتن جي مخالفت سبب ملڪ ۾ سمارٽ لاڪ ڊائون نه لڳائڻ جو فيصلو ڪري ورتو

صدر آصف علي زرداري سان وزيراعظم شهباز شريف جي ملاقات، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار، بلاول ڀٽو ۽ وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ۽ قومي سلامتي صلاحڪار ليفٽيننٽ جنرل عاصم ملڪ پڻ موجود هئا
ملاقات ۾ قومي سلامتي جي مجموعي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، اجلاس ۾ خطي ۾ بدلجندڙ صورتحال ۽ ان جي پاڪستان تي اثرن جو به جائزو ورتو ويو، معاشي صورتحال تي به بريفنگ
وزيراعظم جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز شريف وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه، ڪي پي ڪي جو وزيراعليٰ سهيل آفريدي، بلوچستان جو وزيراعليٰ سرفراز بگٽي به اجلاس ۾ شريڪ ٿيا
وزيراعظم شهباز شريف تيل جي قيمتن ۾ اضافي جي تجويزن کي بار بار رد ڪيو آهي ۽ ڪفايت شعاري جي قدمن مان بچندڙ رقم عوام کي رليف ڏيڻ تي خرچ ڪئي ويندي: صدر مملڪت آصف زرداري کي آگاهي
صدر آصف علي زرداري وزيراعظم جي ملاقات ۾ تيل جي گهٽ استعمال، پبلڪ ٽرانسپورٽ کي همٿائڻ ۽ گڏيل سفري سهولتن کي اختيار ڪرڻ جي حوصلي افزائي لاءِ عوامي آگاهي مهم هلائڻ جي ضرورت تي زور ڀريو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي حڪومت صوبائي حڪومتن جي مخالفت سبب سمارٽ لاڪ ڊائون نه لڳائڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي صدر مملڪت آصف علي زرداري جي صدارت ۾ اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ صوبن ملڪ ۾ سمارٽ لاڪ ڊائون لڳائڻ جي مخالفت ڪئي، صدر آصف علي زرداري سان وزيراعظم محمد شهباز شريف سومر ڏينهن
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف فيول بجيٽ ۽ ڪفايت شعاري جي قدمن تي عملدرآمد جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس جي صدارت ڪندي

ڊيجيٽل نظام کي استعمال ۾ آڻيندي عوامي رليف جا قدم عام ماڻهو تائين پهچائينداسين: وزيراعظم

وزيراعظم جي عوام کي پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن کان متاثر طبقي کي وڌيڪ رليف ڏيڻ جي هدايت

عام ماڻهو کي بچائڻ جي لاءِ حڪومت ڪيترائي ڀيرا اهو بار پاڻ برداشت ڪيو ۽ حڪومتي خرچن تي ڪٽ لڳايو: وزيراعظم
حڪومت ڪمزور ۽ وچولي طبقي جي عوام کي وڌيڪ رليف فراهم ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي
سرڪاري خرچن ۾ گهٽتائي، ترقياتي بجيٽ ۾ ڪٽوتي ڪئي ۽ 60 سيڪڙو سرڪاري گاڏين کي فوري طور تي بند ڪيو
اشرافيه جي وڏي گاڏين ۾ استعمال ٿيندڙ هاءِ آڪٽين پارٽ تي ليوي ۾ اضافي سان جيٽ فيول جي قيمتن ۾ ڪنهن به قسم جي ڦيرڦار ناهي ٿي: بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف نارجي صورتحال جي ڪري
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت عوامي خدمت جي مشن تي ڪاربند آهي، صوبي جي ترقي کي يقيني بڻايو پيو وڃي: شرجيل ميمڻ

عوام کي بهتر سهولتن جي فراهمي ۽ جٽادار ترقي جي لاءِ مختلف شعبن ۾ جامع ۽ مربوط قدم کنيا ويا آهن
هر شهري کي بنيادي سهولتون، روزگار ۽ زندگي جو معياري سهولتون ڏيڻ حڪومت جو ويزن آهي
مهانگائي جي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ پرائس ڪنٽرول ميڪنزم کي اثرائتو بڻايو ويو آهي: صحافين سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت عوامي خدمت جي مشن تي ڪاربند آهي، سمورا
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

لبنان ۾ ڌماڪي سبب گڏيل قومن جي امن مشن جو هڪ اهلڪار مارجي ويو

بيروت (اي پي پي) لبنان ۾ ٿيل بم ڌماڪي ۾ گڏيل قومن جي عبوري فورس
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

افغانستان ۾ شديد برسات ۽ ٻوڏ، 17 ماڻهو فوت، 26 زخمي

ڪابل (اي پي پي) افغانستان جي مختلف علائقن ۾ شديد ٻوڏ، لينڊ سلائيڊنگ ۽
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ اڳواڻ شريڪ آهن

وزيراعظم کي يورپي ڪائونسل جي صدر جو فون، ايران آمريڪا ڳالهين ۾ ڪردار جي واکاڻ

وزيراعظم شهباز شريف کي يورپي ڪائونسل جي صدر انتونيو ڪوستا ڪالهه سومر ڏينهن ٽيليفون ڪئي
ايران ۽ ٻاهر ملڪن ۾ جاري ڇڪتاڻ ۽ ان جي عالمي معيشت تي اثرن تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو
وزيراعظم يورپي ڪائونسل جي صدر کي وچ اوڀر جي بحران ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ پاڪستان جي ڪوشش کان آگاهه ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ يورپي ڪائونسل ايران ۽ ٻاهر ملڪن ۾ جاري ڇڪتاڻ ۽ ان جي عالمي معيشت تي اثرن تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪندي بحران جي حل لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري جي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ شديد ٻاڙائي، ايشيائي مارڪيٽ به دٻاءُ جو شڪار

ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 5000 کان وڌيڪ پوائنٽس جي گهٽتائي کانپوءِ هڪ لک 47 هزار 49 پوائنٽس جي سطح تي اچي ويو
ڪاروباري هفتي جي پڄاڻي تي انڊيڪس هڪ لک 51 هزار 707 پوائنٽس تي بند ٿيو هو جنهن جي ڀيٽ ۾ اڄ نمايان گهٽتائي ڏٺي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروباري هفتي جي پهرين ڏينهن ناڪاري رجحان ڏسڻ ۾ آيو جتي ڪاروبار جي شروعات تي ئي مارڪيٽ ۾ نمايان گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي تفصيل
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سي پي اين اي پاران ملڪ ۾ اخباري صنعت جي مسئلن تي ڳڻتي، اشتهارن جي رقمن جي ادائگي جو مطالبو

اجلاس سينئر نائب صدر اياز خان جي صدارت ۾ ٿيو، غلام نبي چانڊيو، نائب صدر قاضي اسد عابد، منزه سهام، ضياءُ تنولي ۽ ٻيا شريڪ
ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز جي اسٽينڊنگ ڪميٽي جو وڊيو لنڪ اجلاس ٿيو، اخبارن جي سنگين مالي مشڪلاتن تي ڳڻتي
موجوده علائقائي صورتحال سميت وچ اوڀر ۾ جاري جنگ ۽ ان جي امڪاني معاشي اثرن تي به بحث، اخبارن جي اشاعتن تي خرچن ۾ واڌ کان آگاهي
وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن پاران اشتهارن جي ادائيگي ۾ دير ٿي رهي آهي، ميڊيا جا ادارا مالي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن: سي پي اين اي
سي پي اين اي جي تحت هڪ مستقل ڊيسڪ قائم ڪئي وڃي، جيڪا اخبارن جي بقايا ۽ ادائيگي جي مسئلن جي نگراني ڪري: پيش ڪيل تجويز

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز (سي پي اين اي) جي اسٽينڊنگ ڪميٽي هڪ وڊيو لنڪ اجلاس منعقد ڪيو جنهن ۾ ملڪ جي پرنٽ ميڊيا کي درپيش سنگين مالي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سي پي اين اي جي اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ قاضي اسد عابد ۽ ٻيا ويٺل آهن

ملڪ ۾ پيٽروليم مصنوعات جا ذخيرا وافر مقدار ۾ موجود

عوام کي پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي: ناٽي ڪاٽي جو صلاحڪار خرم شهزاد

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي بابت وفاقي وزير جي صلاحڪار خرم شهزاد چيو آهي ته ملڪ ۾ پيٽروليم مصنوعات جا
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب ۾ گهريلو ملازمن بابت نوان قائدا ۽ ضابطا جاري

روزانو 10 ڪلاڪن کان وڌيڪ ڪم وٺڻ تي في ڪلاڪ اوور ٽائم ڏنو ويندو
ڪارڪنن کي غير مناسب سرگرمي ۾ ملوث نه ڪيو وڃي: سعودي اختياريون

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي افرادي سگهه واري وزارت گهريلو ملازمن جي حوالي سان نوان قائدا ۽ ضابطا جاري ڪري
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

خيبر پختونخوا ۾ برساتن سبب 9 ڄڻا فوت ٿي ويا، 47 زخمي

نوشهره، مردان، چار سده، صوابي، ٽانڪ، ڪرڪ، بنون ۾ تيز برسات
گهرن جون ڇتيون ۽ ڀتيون ڪرڻ سبب 9 ڄڻا فوت ۽ 47 زخمي ٿي پيا: اختياريون

پشاور (اي پي پي) خيبر پختونخواهه جي مختلف ضلعن نوشهره، مردان، چار سده، صوابي، ٽانڪ، ڪرڪ، بنون، اتر ڏکڻ
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

اسپين وزيراعظم جو ايران ۾ زميني ڪارروائي لاءِ فوج موڪلڻ کان انڪار

اسپين ايران تي حملن ۾ شامل آمريڪي جهازن لاءِ پنهنجون فضائي حدون بند ڪري ڇڏيون
آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سخت ردعمل ڏيندي اسپين خلاف واپاري قدمن جي ڌمڪي ڏني

ميڊرڊ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسپين جي حڪومت چيو آهي ته هو ايران تي حملن ۾ شامل آمريڪي جهازن لاءِ پنهنجون فضائي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

اي پي اين ايس جي ساليانو جنرل ڪائونسل جو اجلاس اڄ ٿيندو

گڏجاڻي اڄ صبح جو يارهين وڳي اي پي اين ايس هائوس ڪراچي ۾ ٿيندي
اخباري صنعت جي موجوده صورتحال تي غور سميت درپيش مسئلن تي ڳالهايو
سال 2025ع جي ساليانو حسابن جي آڊٽ رپورٽ منظوري لاءِ پيش ڪئي ويندي
سال 27-2026ع لاءِ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبرن جي چونڊ پڻ ڪئي ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اي پي اين ايس جي بدرائي موجب آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي جي ساليانو جنرل ڪائونسل جي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي هر ضلعي ۾ ڪوئڪ رسپانس فورس کي فعال بڻايو وڃي: آءِ جي

ڪراچي سينٽرل پوليس آفيس ۾ امن امان جي صورتحال ۽ پوليس جي قدمن بابت اجلاس ٿيو
ٽريفڪ، ڪرائم سين يونٽ ۽ ٻين شعبن ۾ به ڪوئڪ رسپانس فورسن قائم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جي صدارت هيٺ سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ صوبي جي امن
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو اجلاس جي صدارت ڪندي

هيلٿ جهڙا ادارا عوامي ڀلائي ۽ پائيدار ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن: گورنر

صوبي ۾ صحت جي شعبي ۽ صحت ڪميشن کي وڌيڪ فعال، مربوط ۽ پيداواري بڻايو ويندو
اڳواڻن سان ملاقات ۾ ادارتي تعاون کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ ۽ پائيداري کي فروغ ڏيڻ تي اتفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي هيلٿ جي سماجي خدمتن جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته اهڙا ادارا عوامي ڀلائي ۽ پائيدار ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن گورنر سنڌ صحت جي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

معياري تعليم، ماحولياتي شعور ۽ سماجي هم آهنگي ترقي جي بنياد آهن: نهال هاشمي

موسمياتي تبديلي ۽ خطي ۾ ان جي امڪاني اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل قدم کڻڻ ضروري آهن
سينيٽ اسٽينڊنگ ڪميٽي آن فيڊرل ايجوڪيشن چيئرپرسن سينيٽر بشريٰ انجم بٽ سان ملاقات دوران ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي چيو آهي ته معياري تعليم، ماحولياتي شعور ۽ سماجي هم
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

کوراڪ کي ضايع ٿيڻ کان روڪڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي: مراد علي شاهه

دنيا ۾ هر سال لڳ ڀڳ هڪ ارب ٽن خوراڪ جو ضايع ٿيڻ ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي
سنڌ حڪومت زيرو ويسٽ پاليسين جي فروغ لاءِ پرعزم آهي: پيغام ۾ اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه عالمي يوم زيرو ويسٽ جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

اسان رڳو ٽرڪ جي پٺيان نه آهيون، پر گاڏي کي هلائي به رهيا آهيون: فاروق ستار

وزيراعظم يقين ڏياريو آهي ته ڪراچي تي ڀرپور توجهه ڏيندي، شهرين کي جلد خوشخبري ملندي
اڳوڻي گورنر ڪامران ٽيسوري کي هٽائڻ ۾ سياسي مجبوريون هيون، سندس خدمتون ساراهه جوڳيون آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ فاروق ستار چيو آهي ته آئين جي آرٽيڪل 140 تحت شهرن کي مڪمل
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

لياري جي عوام کي اڪيلو نه ڇڏيو، ترقي جو نئون باب کوليو ويو آهي: ميئر

بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ۽ سلمان عبدالله مراد ۽ ٻين مرزا آدم خان روڊ جو سنگ بنياد رکيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته لياري ۾ ترقي جو هڪ نئون باب کوليو ويو آهي لياري
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب تقريب کي خطاب ڪندي

ام رباب جي والد، ڏاڏي ۽ چاچي جي قتل ڪيس ۾ سمورا جوابدار بري، فيصلو هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ ۾ چيلينج جو اعلان

عدالت ڪيس ۾ نامزد سردار چانڊيو، برهان چانڊيو، مرتضيٰ علي گوهر، سڪندر، ذوالفقار، ستار ۽ عبدالڪريم چانڊيو کي باعزت بري جو فيصلو ٻڌايو
اڄ عدالت جي اهڙي فيصلي ڪانپوءِ ائين محسوس ٿئي ٿو ته سردار ۽ وڏيرا قانون کان مٿاهان آهن، اسان جا حوصلا بلند آهن: ام رباب چانڊيو
اسان هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ تائين وينداسين، اسان کي اميد آهي ته انصاف اسان جو حق آهي ۽ اسان اهو حاصل ڪري رهنداسين

دادو (رپورٽ: ولي محمد لنڊ) ام رباب چانڊيو جي پيءُ، ڏاڏي ۽ چاچي جي قتل ڪيس ۾ نامزد 8 جوابدار باعزت بري، دادو جي ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ 8 سال اڳ ميهڙ ۾ ام رباب چانڊيو جي گهر ڀاتين، يعني
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

دادو: ام رباب چانڊيو عدالتي فيصلو اچڻ ڪانپوءِ روئي رهي آهي

سرداري نظام جي خلاف ٽن ڄڻن کي ڏينهن ڏٺي قتل ڪيو ويو: وڪيل صلاح الدين

ڪيس ۾ 3 شاهد ۽ ميڊيڪل ثبوت موجود هئا، انهن ثبوتن جي بنياد تي سزا ٿي سگهي پئي
دادو: فرياد ڌر جي وڪيل صلاح الدين پنهور چيو ته ڪيس ۾ نامزد سمورا جوابدار بري ڪيا ويا
فيصلي جي موقعي تي سيڪيورٽي جا انتظام سخت، ام رباب جي گهر ٻاهران به پوليس مقرر ڪئي وئي

دادو: اٺ سال پراڻي ڪيس ۾ سنڌ اسيمبلي جي ٻن ميمبرن سميت ڪل 8 جوابدار نامزد هئا، جن مان چار جوابدار جيل
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

جج هوشيار، قابل ۽ ايماندار هو جنهن سٺو فيصلو ڏنو آهي: وڪيل اطهر عباس سولنگي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) ميهڙ واقعي ۾ پيپلز پارٽي ايم پي اي سردار خان چانڊيو جي وڪيل اطهر عباس سولنگي ميهڙ واقعي جي فيصلي کي انصاف جي فتح قرار ڏيندي چيو آهي ته فيصلو انصاف جي فتح هوندي آهي نه ڪي ڪنهن جي شڪست يا هار جي هوندي آهي. فيصلو سٺو ۽ 223
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

سردار خان چانڊيو، برهان خان چانڊيو ۽ ٻيا ڪيس مان باعزت بري ٿيڻ فريد آباد ۾ ريلي ڪڍي

فريد آباد (نه ع) فريد آباد ۾ پ پ ايم پي اي نواب سردار خان چانڊيو برهان خان چانڊيو ۽ ٻيا ڪيس مان باعزت بري ٿيڻ جي خوشي ۾ ريلي فريدآباد ۾ چانڊيا برادري جي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

چانڊيا برادري جي ٽن ڄڻن کي فرشتن نه قتل ناهي ڪيو، ڪي ته قاتل ضرور هوندا: نواب عامر مگسي

جاماشورو (ڊ ر) دادو ڪورٽ چانڊين جي
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

دادو: ٽن ڄڻن جي قتل ڪيس ۾ آزاد ٿيل سردار خان چانڊيو، برهان چانڊيو ۽ ٻيا عدالت ٻاهران بيٺل آهن (فائيل فوٽو)

نيب جي چيئرمين 2019ع ۾ داخل ٿيل ريفرنس واپس وٺڻ لاءِ درخواست داخل ڪري ڇڏي

غيرقانوني اثاثن جو ريفرنس: مرحوم آغا سراج دراني وفات کان پنج مهينا پوءِ بيگناهه قرار

اڳوڻي اسپيڪر مرحوم دراني، سندس گهر ڀاتين، ملازمن ۽ فرنٽ مين خلاف ريفرنس داخل ڪيو ويو هو
ڪراچي جي نيب عدالت حراست ۾ ورتل موجود سمورن جوابدارن کي ايندڙ ٻڌڻي تي پيش ڪرڻ جو حڪم
ريفرنس ۾ هڪ ارب 61 ڪروڙ 6 لک 69 هزار 528 رپين جا غيرقانوني اثاثا ٺاهڻ جو الزام لڳايو ويو هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) غيرقانوني اثاثن جو ريفرنس آغا سراج دراني وفات کان پنج مهينا پوءِ بيگناهه قرار، 2019ع ۾ داخل ٿيل ريفرنس واپس وٺڻ لاءِ درخواست داخل، چيئرمين نيب طرفان موقف اختيار
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪينجهر ڍنڍ مان لاڙڪاڻي واسي نوجوان جو لاش هٿ، ايڌي حوالي

ٺٽو (ڊ ر) ڪينجهر ڍنڍ مان لاڙڪاڻي
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مڙس پنهنجي زال کي گولي هڻي زخمي ڪرڻ بعد پاڻ آپگهات ڪري ڇڏيو

گارڊن ويجهو لطيف ٽاور جي رهواسي سليمان گهر ۾ پنهنجي زال پروا شاهه کي گولي هڻي زخمي ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گارڊن حسن
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فائرنگ جي واقعن ۾ نوجوان ناري سميت 2 ڄڻا قتل، 8 زخمي، پنج جوابدار گرفتار

لياري بغدادي ۾ ٻن ڌرين ۾ جهيڙي جي دوران فائرنگ ۾ ناري گل صباءِ ڌي شير زمان قتل ٿي وئي
اطلاع تي پوليس پهچي مقتولا جو لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو فائرنگ ۾ ملوث 5 جوابدار سوگهسا
منگهوپير ۾ نامعلوم هٿيار بندن جي فائرنگ ۾ 33 سالن جو نور محمد ولد غلام محمد قتل ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ فائرنگ جي واقعن ۾ ناري سميت 2 ڄڻا قتل ٿي ويا، جڏهن ته 8 ڄڻا پڻ زخمي ٿي پيا. پوليس ڪارروائي ڪندي 5 ملزمن کي هٿيارن سميت گرفتار ڪري ورتو. بغدادي ٿاڻي جي حد مير محمد بلوچ روڊ جي پرسان يوسفي مسجد
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائم، هٿيار رکڻ ۽ منشيات جي اسمگلنگ ۾ ملوث ٽولي جا ٽي جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) انٽيليجنس جاچ تي ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي پير آباد اورنگي ٽائون مسلم آباد نمبر 2 علائقي مان اسٽريٽ
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ الڳ الڳ واقعن ۾ ٻار جي لاش ملڻ سميت 2 ڄڻا فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ واقعن ۾ ٻار جي لاش ملڻ سميت 2 ڄڻا فوت ٿي ويا. سائٽ سپرهاءِ وي ٿاڻي جي حد مين هول
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير ناصر شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي ۾ زبون حال عمارتن و دانهن ۽ رهواسين جي منتقلي کي شفاف بڻايو وڃي: ناصر شاهه

زبون حال عمارتون نه صرف رهواسين پر ڀرپاسي وارن ماڻهن لاءِ به سنگين خطرو آهن
شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ پهرين ترجيح آهي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ ڪمشنر آفيس ڪراچي ۾ زبون حال عمارتن بابت هڪ اهم اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

خيرپور ۾ ناريجا ۽ الرا برادري جي هلندڙ خوني تڪرار جو نبيرو، 90 لک ڏنڊ مقرر

نيبرو سردار اظهر ڪماريو، سراج احمد جمالي ۽ سيد دين محمد شاهه جي سرپنچي هيٺ ٿي گذريو
سال اڳ اڻ ڄاڻائي ۾ قتل ٿيل اسلم ناريجو ۽ سراج ناريجو جو خون الرا برادري جي ماٿهن مٿان ثابت
الرا برادري مٿان 90 لک مجموعي طور ڏنڊ مقرر، تڏي جا 10 لک ڇڏرايا ويا، رقم ٽن قسطن ۾ ادا ڪئي ويندي

خيرپور (ا ر) خيرپور جي ڪنگري تعلقي ۾ هڪ سال کان ناريجا ۽ الرا برادري جي ٻن ذرين ۾ هلندڙ خوني تڪرار جو نيبرو جيلاني هائوس خيرپور ۾ ٿي گذريو تفصيل موجب هڪ سال اڳ قتل ٿيل ناريجا
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ تي پابندي لڳائڻ تي غور، وفاقي حڪومت صوبائي گهرو وزارتن کان راءِ طلب ڪري ورتي

وفاقي گهرو وزارت چئني صوبن جي گهرو وزارتن ۽ آزاد ڪشمير جي گهرو وزارت کان پڻ راءِ معلوم ڪئي وئي
اهڙي عمل سان عوام جو ڪهڙو ردعمل ٿي سگهي ٿو: وزارت قانون، گهرو وزارت ۽ چيف سيڪريٽرين کي خط موڪليو ويو
پي ٽي آءِ تي حڪومت ۽ عسڪري قيادت خلاف سرگرمين ۾ ملوث هجڻ ۽ آئيني ادارن خلاف مختلف تقريرون ڪرڻ جا الزام

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) وفاقي حڪومت عمران خان جي پارٽي پي ٽي آءِ تي پابندي لڳائڻ تي غور ڪري رهي آهي ان سلسلي ۾ وفاقي گهرو وزارت چئني صوبن جي گهرو وزارتن ۽ آزاد ڪشمير جي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ جاگيرداري نظام سبب مظلوم نيائي انصاف کان محروم رهجي وڃي ٿو: حليم عادل

ام رباب چانڊيو کي انصاف نه ملڻ ته عوام جو عدالتي نظام تي اعتماد ختم ٿي ويندو
اهڙو اهو ٻٽو معيار ناقابل قبول آهي ته قانون طاقتور لاءِ نه، پر رڳو ڪمزور لاءِ هجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) حليم عادل شيخ ام رباب چانڊيو ڪيس ۾ جوابدارن جي بريت تي سخت ردعمل ڏيندي چيو آهي ته هن
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

آمريڪا روس جي آئل ٽينڪر کي ڪيوبا پهچڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا ڪيترن ئي مهينن کان جاري تيل جي پابندين بعد
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ 7 ڏينهن واري قومي پوليو جي خاتمي واري مهم 13 اپريل کان شروع ٿيندي: اين اي او سي

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ 7 ڏينهن واري قومي پوليو جي خاتمي واري
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

مصر جو اڳوڻو پرڏيهي وزير عرب ليگ جو نئون سيڪريٽري جنرل مقرر

رياض (اي پي پي) عرب ليگ اتفاق راءِ سان مصر جي اڳوڻي پرڏيهي وزير نبيل فهمي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ترڪي سعودي عرب، پاڪستان ۽ مصر جي پرڏيهي وزيرن جو اجلاس کانپوءِ ورتل گروپ فوٽو

حيدرآباد ۾ شهيد بينظير ڀٽو فلائي اوور منصوبي کي ڀيهر فعال ڪرڻ جو فيصلو

سيڪريٽري ورڪس اينڊ سروسز محمد نواز سوهو جي صدارت ۾ اجلاس، منصوبي جي رڪاوٽن جو جائزو
حددخلين جي خاتمي ۽ فزيبلٽي ڪليئرنس بعد تعميراتي ڪم مرحليوار شروع ڪرڻ جون هدايتون
ته هن اهم منصوبي تي ڪم جلد کان جلد شروع ڪيو وڃي جيئن شهرين کي بهتر سفري سهولتون ملي سگهن: محمد نواز سوهو

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سيڪريٽري ورڪس اينڊ سروسز سنڌ محمد نواز سوهو جي صدارت ۾ ڪمشنر آفيس ۾ بينظير ڀٽو شهيد فلائي اوور جي فعال ٿيڻ بابت هڪ اهم جائزو ورتو ويو اجلاس ۾
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پ پ جي تنظيمي ڍانچي کي وارڊ سطح تي مضبوط ڪيو وڃي: فريال ٽالپر

زرداري هائوس ۾ پيپلزپارٽي ليڊيز ونگ جو اجلاس مرڪزي صدر جي صدارت هيٺ ٿيو
اجلاس دوران تنظيمي معاملن سميت شهر ۾ جاري ترقياتي منصوبن بابت بريفنگ ڏني وئي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) پيپلزپارٽي ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر جي صدارت ۾ اجلاس فريال ٽالپر جي
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ريسڪيو ۽ ايمرجنسي سروسز لاءِ خودمختيار اٿارٽي قائم ڪئي وڃي: گهرو وزير

اعليٰ سطحي ڪميٽي جي اجلاس ۾ لاڳاپيل کاتن جي اعليٰ آفيسرن ۽ عملدارن شرڪت ڪئي
تجويز ڪيل ريسڪيو اٿارٽي جي نظام بابت سفارشون موڪليون وڃن: ضياءُ الحسن لنجار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار جي صدارت هيٺ سنڌ ۾ ريسڪيو ۽ ايمرجنسي سروسز جي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي وڏي وزير پاران بدين ۾ تيز برساتن سبب قيمتي انساني جانين جي نقصان تي گهري ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه بدين ۾ تيز برساتن
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ٽنڊو محمد خان پوليس جون ڪارروايون، منشيات ۽ پڪ اپ هٿ، 9 ڄڻا گرفتار

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان پوليس جون مختلف هنڌن تي ڪارروايون 1 عورت
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سڄاول پرسان ٻيڙي اٿلڻ سبب ٻڏي ويل چئن مان 3 ڄڻن جا لاش هٿ، آپريشن جاري

پاڪ نيوي ۽ مقامي ٽوبن جي مدد سان مسمات حبي، مسمات شان ۽ هڪ مرد عيسن جو لاش هٿ ڪيو ويو
لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيا ويا، حبيب الله جي ڳولا لاءِ ريسڪيو آپريشن جاري

سڄاول (ڊ ر) سڄاول پرسان درياهه سنڌ ۾ ٻيڙي اٿلڻ سبب ٻڏي ويل چار ڄڻن جي ڳولا لا ريسڪيو آپريشن ۾ اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي ريسڪيو ذريعن موجب ڳوٺ يعقوب منارو پرسان تيز هوائن سبب
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

آفيس آف دي پرنسپل
پوليس ريڪروٽ ٽريننگ سينٽر خيرپور

No. PRTC/G-Br./218/206

Dated: 27/03/2026

ٽينڊر

ڪينٽين، ريجمينٽل شاپ، واشر شاپ- I ۽ واشر شاپ- II، ٽيلر شاپ، ۽ فروٽ ۽ جوس شاپ لاءِ ٺيڪيدار

پرنسپل PRTC خيرپور، دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن کان PRTC خيرپور ۾ موجود هيٺين ڪينٽين، ريجمينٽل شاپ، واشر شاپ_ I ۽ واشر شاپ_II، ٽيلر شاپ، ۽ فروٽ ۽ جوس شاپ لاءِ هڪ (01) سال جي ڪانٽريڪٽ جي بنياد تي مهربند آڇون گهرائجن ٿيون.

شمار نمبر	اٿائن جو نالو	اٿائن جو تعداد	ٽينڊر في	ڪانٽريڪٽ جو مدو
1	ڪينٽين	01	3000	01سال
2	ريجمينٽل شاپ	01	3000	01سال
3	واشر شاپI_	01	3000	01سال
4	واشر شاپII_	01	3000	01سال
5	ٽيلر شاپ	01	3000	01سال
6	فروٽ ۽ جوس شاپ	01	3000	01سال

1. دلچسپي رکندڙ اهل اميدوار (Bidders) بہ بابت وڌيڪ معلومات ۽ گهربل دستاويز پرنسپل PRTC خيرپور جي آفيس مان هن نوٽيس جي شايع ٿيڻ جي تاريخ کان 13.04.2026 تائين، آفيس جي وقت يعني صبح 09:00 کان شام 05:00 وڳي تائين، هر هڪ لاءِ 3000 روپيا ٽينڊر في (ناقابل واپسي) پي آرڊر/ڊمانڊ ڊرافٽ جي صورت ۾ جيڪو پرنسپل PRTC خيرپور جي نالي هجي، جمع ڪرائي حاصل ڪري سگهن ٿا. بہ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 27.04.2026 (سومر) منجهند 1200 ڪلاڪن تائين آهي. آڇ ساڳئي ڏينهن 1300 ڪلاڪن تي پرنسپل PRTC خيرپور جي آفيس ۾ دلچسپي رکندڙ آڇ ڏيندڙن جي موجودگي ۾ کولي ويندي.
2. جيڪڏهن DSP/ وائيس پرنسپل پوليس ريڪروٽ ٽريننگ سينٽر خيرپور هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هجي يا حڪومت ٽينڊر کولڻ جي تاريخ تي عام موڪل جو اعلان ڪري، تہ آچون ايندڙ ڪم واري ڏينهن منجهند 1200 وڳي تائين وصول ڪيون وينديون ۽ ساڳئي ڏينهن منجهند 1300 وڳي کوليون وينديون.
3. ڪو جواب نہ ملڻ جي صورت ۾ ٻي ڪوشش لاءِ ٽينڊر 20.05.2026 تي جاري ڪئي ويندي ۽ آفيس جي وقت دوران 21.05.2026 تي منجهند 1200 وڳي تائين وصول ڪئي ويندي ۽ 21.05.2026 تي منجهند 01:00 وڳي کولي ويندي.
4. دلچسپي رکندڙ آڇ لاءِ هر هڪ ڪينٽين، ريجمينٽل شاپ، واشر شاپ_ I ۽ واشر شاپ_ II، ٽيلر شاپ، ۽ فروٽ ۽ جوس شاپ لاءِ 5000 روپيا (ناقابل واپسي) بطور سيڪيورٽي ڊپازٽ پي آرڊر جي صورت ۾ پرنسپل PRTC خيرپور جي نالي تي جمع ڪرائيندا.
5. ڪينٽين شاپ جو ٺيڪيدار اسٽاف جي تمام ميمبرن ۽ ٽرينيز کي معياري ۽ تازيون شيون مقابلي واري قيمتن تي فراهم ڪندو. قيمتن جي فهرست (ريٽ لسٽ) دڪان جي ديوار/بورڊ تي واضح طور تي لڳل هجڻ گهرجي. مدي خارج (Expired) شيون ڪينٽين جي حدن ۾ وڪڻڻ جي اجازت نہ هوندي.
6. سينٽر جي سيڪيورٽي لاءِ خاص اپاءَ ورتا ويندا. ڪينٽين جي ڪنهن بہ اسٽاف کي سينٽر جي حدن ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نہ هوندي سواءِ انهن جي جن جي سيڪيورٽي ڪليئرنس ٿيل هجي، ۽ لاڳاپيل ضلعي جي SSP- آفيس مان چارڪٽر سرٽيفڪيٽ (Character Certificate) حاصل ڪرڻ لازمي هوندو. سيڪيورٽي سيڪشن پاران جاري ڪيل ماهوار سيڪيورٽي پاس تمام اسٽاف کي سينٽر جي حدن ۾ پائڻ/ ڏيکارڻا پوندا.
7. هتي اپلوڊ ڪيل دستاويز جي هيٺ صفحي جو سنڌي ترجمو آهي.
8. دڪان مالڪ/ٺيڪيدار دڪان کي ڪنهن ٻئي دڪاندار کي ڪرائي تي نہ ڏيندو.
9. دڪان کي نقصان نہ رسايو ويندو، نہ ئي ان تي قبضو ڪيو ويندو يا مجاز اختيارين جي منظوري کان سواءِ تبديل ڪيو ويندو.
10. ٺيڪيدار ڪينٽين شاپ جي آس پاس جي حدن جي صفائي سٿرائي جو ذميوار هوندو.
11. گٽڪو، پان، نسوار، شراب ۽ ٻيون ممنوع شيون ڪينٽين تي نہ وڪڻيون وينديون. ڪينٽين شاپ جو وقت 0600 ڪلاڪن کان 2200 ڪلاڪن تائين هوندو.
12. قانون/ڊسيپلين جي خلاف ڪنهن بہ سرگرمي جي صورت ۾ نوٽيس ملڻ تي ٺيڪيدار جي خلاف سخت ڪاتي جاتي/قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ معاهدو منسوخ ڪيو ويندو.
13. دڪان ۾ ڪو بہ A/C يا هيٽر نہ لڳايو ويندو. جيڪڏهن ٺيڪيدار 03 مهينن تائين ماهوار ڪرايو جمع ڪرائڻ ۾ ناڪام رهيو تہ سندس دڪان سيل ڪيو ويندو ۽ معاهدو منسوخ ڪيو ويندو.
14. سڀ کان وڌيڪ آڇ ڏيندڙ /(Highest bidder)ٺيڪيدار کي منظور ڪيو ويندو.
15. منظور ٿيل ٺيڪيدار هر مهيني جي 05 تاريخ تائين ماهوار رقم چيڪ يا پي آرڊر جي صورت ۾ اڪائونٽ برانچ ۾ جمع ڪرائيندو.
16. صرف هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس مان جاري ڪيل مقرر ٿيل ٽينڊر فارم تي ڏنل آچون ئي قابل قبول هونديون. تنهن هوندي، اضافي شيٽون لڳائي سگهجن ٿيون (جيڪڏهن ضروري هجي).
17. مشروط ٽينڊر/درخواست تي غور نہ ڪيو ويندو.
18. دلچسپي رکندڙ آڇ ڪينٽين، ريجمينٽل شاپ، واشر شاپ_1 ۽ واشر شاپ_II، ٽيلر شاپ، ۽ فروٽ ۽ جوس شاپ انهن سيني لاءِ گڏجي اپلاءِ ڪري سگهي ٿو
19. دلچسپي رکندڙ آڇ ڏيندڙ ايڪٽو ٽيڪس پيئر (Active tax payer) ۽ FBR ۾ رجسٽرڊ هجڻ گهرجن.

(سيف الله قلپوٽو)
DSP/ وائيس پرنسپل
پوليس ريڪروٽ ٽريننگ سينٽر،
خيرپور، (چيئرمين)

WORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/1262/2026

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

8 سالن جي جدوجهد ڪانپوءِ به انصاف نه مليو!
صفحو 4

ڊاڪٽر مرزا اختيار بيگ
جنگ لاءِ نئين دفاعي حڪمت عملي!
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن ـ 31 مارچ
صفحو 4

ُراجستان جو سنڌي مسلم اڳواڻ خليفو غازي خان ڪلر ُ
مير اعظم علي ٽالپر
صفحو 4

مورو سانحي جي بيگناهه قيد ڪيل 60 نوجوانن جي آزادي لاءِ وارثن جو 16هين ڏينهن به احتجاج

وارثن، سياسي، سماجي، علمي، ادبي تنظيمن ۽ شهرين پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

ڏهن مهينن کان بيگناهه قيد ڪيل قيدين کي عدالت ۾ پيش نه ڪيو وڃي ڪيس نه هلايو وڃي ضمانتون به نٿيون ڪرڻ ڏنيون وڃن: وارث

پيپلز پارٽي جي جمهوريت جي دعويدار سنڌ حڪومت پاران 60 خاندانن جي معصوم ٻچن ۽ امڙين کي رلايو ويو آهي

مورو سانحي جي بيگناهه قيد ڪيل 60 نوجوانن جي آزادي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

مورو (ن ع) مورو ۾ ظلم جبر بربريت ڏاڍ جو شڪار ٿيل مورو سانحي جي بيگناهه قيد ڪيل 60 نوجوانن هارين پورهيتن مزدورن پوليس اهلڪارن استادن شاگردن ۽ دڪاندارن جي آزادي لاءِ 16 هين ڏينهن به قيدين جي وارثن امڙين وڏين پيرسن والدين نياڻين ٻارڙن مردن عورتن سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن شهرين مورو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي محسن علي رستماڻي اسرار احمد پلي نصير احمد ڪوڪر علي دوست رند نواز علي ڪلهوڙو توڪل جويو وسيم سجاد لغاري مسمات قبران لغاري فرحانه لغاري ۽ ٻين چيو ته ڏهن مهينن کان بيگناهه قيد ڪيل قيدين کي عدالت ۾ پيش نه ڪيو وڃي ڪيس نه هلايو وڃي ضمانتون به نٿيون ڪرڻ ڏنيون وڃن انصاف جي منتظر قيدين کي مغوي ڪري ڊسٽرڪٽ جيل نوشهروفيروز ۾ رکيو ويو آهي مائٽن سان ملڻ به نٿو ڏنو وڃي ڏهن مهينن کان جيل ۾ بند آهن 60 خاندانن کي پيپلز پارٽي جي جمهوريت جي دعويدار سنڌ حڪومت يرغمال بڻائي انهن کي تباهه ڪري انهن جي معصوم ٻچن امڙين کي رلايو ويو آهي انهن جي گهرن ۾ ڪهرام متل آهي خوشيون ختم ٿيل آهن معصوم ٻار نياڻيون امڙيون پيرسن والدين بيمارين بک بدحالي ۾ تڙپي رهيا آهن انهن جي گهرن جا چلها ڪون ٿا ٻرن ٻارن جي تعليم ختم ڪئي وئي آهي اها سنڌ حڪومت جي سورهيائي آهي اهڙو غريبن تي نسورو ظلم ڪري رهي آهي وزير اعلي سنڌ ۽ وزيرن وٽ ان ظلم جو ڪو جواب آهي توهان جي 18 سالن جي اها حڪمراني رهي آهي دهشتگردن ڌاڙيلن قاتلن رهزنن ڌوهارين کي کلي ڇوٽ ۽ معافي جڏهن ته ڳوٺ لغاري بجراڻي ۽ شهر مورو جي 60 غريب بي سهارا ماڻهن پورهيتن نوجوان شاگردن استادن هارين کي گرفتار ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪري 10 مهينن کان قيد ڪيا ويا آهن ضمانتن ملاقاتن تي بندش اها آهي سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي 15 ڏينهن کان احتجاج جو سلسلو مسلسل جاري آهي پر انهن مظلومن جو ڪوب داد فرياد نه ٿي رهيو آهي 26 ۽ 27 ترميم ڪانپوءِ حڪمرانن عدالتن کي انصاف ڏيڻ کان روڪي ڇڏيو آهي هنن حرن جي روحاني پيشوا پير صاحب پاڳاري قومپرست اڳواڻن وڪيلن ڏيهي توڙي پرڏيهي انساني حقن جي تنظيمن اديبن شاعرن ليکڪن کي پرزور اپيل ڪئي آهي ته 10 مهينن کان بيگناهه قيد ڪيل قيدين جي آزادي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن سنڌ حڪومت جي جبر بربريت ڏاڍ ظلم جي خلاف آواز اٿارين مظلومن جو ساٿ ڏين ۽ مدد ڪن

ڄامشورو شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر مدد علي شاهه ۽ سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف ۾ ٿيل ملاقات جو ڏيک

زرعي يونيورسٽي طرفان سنڌ حڪومت جي اعلان موجب آن لائن ڪلاسز جي باقاعده شروعات

شاگردن جي سهولت لاءِ جديد يونيورسٽي مينيجمينٽ سسٽم (UMS)تحت لرننگ مينيجمينٽ

يونيورسٽي جا پنهنجين تدريسي سرگرمين کي جاري رکڻ لاءِ باقاعدگي سان آن لائن ڪلاسز ۾ شرڪت ڪن: هدايت جاري

هي جديد ڊجيٽل نظام تعليمي انتظام کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ ڏيڻ موجوده حالتن ۾ هڪ بهترين متبادل طور ڪردار ادا ڪري سگهندو: ترجمان

ڪنڊيارو (ن ع) سنڌ حڪومت جي اعلان موجب موجوده قومي صورتحال ۽ توانائي جي بچت کي نظر ۾ رکندي، سنڌ زرعي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال جي هدايت تي يونيورسٽي ۾ آن لائن ڪلاسز جي باقاعده شروعات ڪئي وئي آهي، جنهن جو مقصد توانائي جي بچت سان گڏ تعليمي سرگرمين کي بنا رڪاوٽ جاري رکڻ آهي. ان سلسلي ۾ يونيورسٽي جي انفارميشن ٽيڪنالاجي سينٽر جي نگراني هيٺ شاگردن جي سهولت لاءِ جديد يونيورسٽي مينيجمينٽ سسٽم (UMS)تحت لرننگ مينيجمينٽ سسٽم (LMS)متعارف ڪرايو ويو آهي، جنهن وسيلي شاگرد پنهنجون سڀ تعليمي سرگرميون آن لائن انجام ڏئي سگهندا. هن نظام ذريعي شاگردن پاران آسانيءَ سان آن لائن ڪلاسز ۾ شرڪت ڪرڻ سميت، حاضري جو رڪارڊ چيڪ ڪرڻ ۽ اسائنمينٽس وقت سر جمع ڪرائي سگهن ٿا ۽ ڪورس مواد سميت اهم اپڊيٽس تائين رسائي حاصل ڪري سگهن ٿا. جاري ڪيل پڌرائي موجب هي جديد ڊجيٽل نظام تعليمي انتظام کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو ۽ موجوده حالتن ۾ هڪ بهترين متبادل طور ڪردار ادا ڪري سگهندو. ان سلسلي ۾ استادن لاءِ هن نظام جي مؤثر نفاذ بابت تربيتي ۽ آگاهي ورڪشاپ پڻ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال خصوصي طور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي وائيس چانسلر هن جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال کي وقت جي اهم ضرورت قرار ڏيندي استادن ۽ شاگردن تي زور ڏنو ته هو هن آن لائن نظام مان ڀرپور فائدو وٺن. يونيورسٽي جي ترجمان موجب شاگردن کي هدايت ڪئي آهي ته هو پنهنجين تدريسي سرگرمين کي جاري رکڻ لاءِ باقاعدگي سان آن لائن ڪلاسز ۾ شرڪت ڪن ۽ هن جديد نظام مان وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪن.

شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جو سنڌالاجي جو دورو

ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف طرفان ڀليڪار، علمي ادبي معاملن تي گفتگو

ڊاڪٽر مدد علي شاهه ۽ ڊاڪٽر فياض لطيف ۾ گڏيل سهڪار کي هٿي وٺرائڻ تي اتفاق

ڄامشورو(پ ر) شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي شهيد بينظير آباد جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مدد علي شاهه انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو دورو ڪيو ان موقعي تي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف ڪيس اداري ۾ اچڻ تي ڀليڪار چيو. ڊائريڪٽر آفيس ۾ ٿيل ملاقات ۾ علم ادب، ثقافت، تاريخ، تحقيق ۽ تهذيب سان لاڳاپيل گڏيل دلچسپي جي مختلف معاملن تي گفتگو ڪئي وئي ۽ گڏيل سهڪار کي هٿي وٺرائڻ تي اتفاق ڪيو ويو ان موقعي تي ڊاڪٽر مدد علي شاهه انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي کي اهم ادبي ثقافتي ۽ تحقيقي مرڪز قرار ڏيندي چيو ته هي ادارو نه رڳو سنڌ يونيورسٽي ۾ سموري سنڌ جي سونهن ۽ فخر آهي هتي محفوظ ناياب قيمتي علمي ۽ ثقافتي خزانو هڪ وڏو اثاثو آهي جنهن جي حفاظت، پذيرائي، ترقي ۽ ترويج اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي هن ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف جي اداري جي بهتري لاءِ ورتل ڪوششن جي واکاڻ ڪندي اهم تجويزون پڻ ڏنيون ۽ چيو ته هو چاهي ٿو سنڌس يونيورسٽي ۽ سنڌالاجي ٻولي، ادب، ثقافت، تاريخ سميت ٻين لاڳاپيل مختلف شعبن ۾ گڏجي ڪم ڪن ته جيئن انهن شعبن ۾ وڌيڪ بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهجن ۽ انهن جي ترقي ۽ بهتري ۾ مدد ملي سگهي ان موقعي تي ڊاڪٽر فياض لطيف معزز مهمان جي آمد تي ڪيس ڀليڪار چيو ۽ سنڌالاجي لاءِ سندس پرخلوص جذبن ۽ اداري جي بهتري لاءِ نيڪ نيتي وارين تجويزن کي واکاڻيندي سندس مهرباني مڃي ۽ چيو ته منهنجي ڪوشش آهي ته اداري جي واڌ ويجهه لاءِ هرممڪن جاکوڙ ڪريان جنهن ۾ مختلف ادارن کان سهڪار حاصل ڪرڻ پڻ شامل آهي ان سلسلي ۾ وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري جو اعتماد، رهنمائي ۽ همت افزائي مون لاءِ اڳتي وڌڻ لاءِ هميشه اتساهه جو ذريعو رهي آهي هن ڊاڪٽر مدد علي شاهه جي گڏيل سهڪار واري ڳالهه کي خوش آئيند قرار ڏيندي اميد ظاهر ڪئي ته هن معاملي تي جلد عملي اڳڀرائي ٿيندي ۽ هن باهمي تعاون جا مستقبل ۾ بهتر نتيجا حاصل ٿيندا.

پيپلز پارٽي ضلع قمبر شهدادڪوٽ جو صدر عمره جي سعادت ماڻي ڏيهه پهتو

حاجي قمرالدين ڳوپانگ کي امتياز علي بروهي گلن جي هار پارائي مبارڪباد ڏني

قبو سعيد خان ۾ مختلف محلن ۽ ڳوٺن ۾ هلندڙ ترقياتي ڪمن جو تفصيلي ڳالهيون

شهدادڪوٽ(ن ر) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع قمبر شهدادڪوٽ جي صدر ضلع ڪائونسل جي چيئرمين حاجي قمر الدين ڳوپانگ کي عمره جي سعادت حاصل ڪرڻ تي پ پ ٽائون ڪميٽي قبو سعيد خان جي چيئرمين امتياز علي بروهي ڳوپانگ هائوس ميرو خان تي پهچي ڪيس گلن جي هار پارائي مبارڪباد پڻ ڏني ان موقعي تي پ پ پ ضلع صدر حاجي قمر الدين ڳوپانگ سان مير امتياز احمد بروهي تعلقي قبو سعيد خان ۾ مختلف محلن ۽ ڳوٺن ۾ هلندڙ ترقياتي ڪمن جو تفصيلي ڳالهيون ٿيون ۽ ڪڻڪ جي خريداري سينٽر تي آبادگار هارين کي سهولتون مهيا ڪرڻ تي خيالن جي ڏي وٺ پڻ ڪئي پ پ پ ضلع قمبر شهدادڪوٽ جي صدر حاجي قمر الدين ڳوپانگ هن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي ئي عوام جي ڀلائي بهبود لاءِ حقيقي ترجماني ڪندڙ ملڪ گير پارٽي آهي جڏهن ته ضلع ڪائونسل جي ميمبر مير عامر خان ڳوپانگ سميت ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا

شهدادڪوٽ پ پ ضلعي صدر حاجي قمرالدين ڳوپانگ کي ٽائون ڪميٽي قبوسعيدخان جي چيئرمين مير امتياز علي بروهي عمري جون مبارڪباد ڏيندي

سجاول جي پاڻ ۽ ٻج جو مشهور واپاري سيٺ علي احمد ميمڻ لاڏاڻو ڪري ويو

سجاول(ن ر) سجاول جي پاڻ ۽ ٻج جو مشهور واپاري سيٺ علي احمد ميمڻ ڪينسر جهڙي مرض ۾ ڪافي عرصو مبتلا رهندي 49 ورهين جي ڄمار ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جو مڙه آبائي مصري شاهه قبرستان جي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جي ڪلهي ڪاندين ۾ پ پ ضلع سجاول جو مقبول عوامي اڳواڻ پاءُ عبداللطيف ميمڻ واپاري اڳواڻ حافظ رياض ميمڻ حاجي اسلم ميمڻ حاجي محمد ميمڻ يعقوب عرف پوڙهو ميمڻ نصيب الله ميمڻ اويس عبدالرحمان حاجي اڪبر ميمڻ آصف امين ميمڻ پ پ تعلقه صدر ڊاڪٽر اقبال ميمڻ عبدالله خان لغاري پ ش پ اڳواڻ نثار ميمڻ جي يو آئي اڳواڻ مولوي حسن قاسمي سينئر صحافي هدايت الله ڪلي سيٺ جمن جاڙو حاجي عبدالستار شيخ محمد تاڙو منظور ميمڻ ميڊيڪل سپريڊنٽ ڊاڪٽر انور ميمڻ ڊاڪٽر حاجي ڪلي نجيب جوڻيجو سميت وڏي تعداد ۾ شهرين واپارين ۽ ميمڻ برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم جي وفات تي واپاري برادري ۾ سوڳ جي فضا ڇانيل رهي هئي مرحوم جو ٽيڙو مدرسا دارلقاسميه روڊ لڳ ايم سومار هائوس تي وڇايو ويو آهي جتي مرحوم جي پاڙن حاجي مقبول ميمڻ جاويد ميمڻ ۽ سندن پٽن سان عذرخواهي جو سلسلو جاري آهي

عثمان شاهه هٽڙي ۾ حيسڪو جو بجلي چورن ۽ باقيدارن خلاف ايڪشن

بل ادا نه ڪندڙ صارفين جا ٽانسفارمر لاٿا ويا، ڪجهه علائقن بقاياجات جي وصولي

بجلي چوري ۽ غيرقانوني ڪوڊا سسٽم جي اجازت نه ڏبي: سيد اظهر علي شاهه

عثمان شاهه هٽڙي(ن ع) حيسڪو ٽنڊوالهيار جي ايڪسيئن سيد ثاقب عباس شاهه جي هدايتن حيسڪو ٽيم پوليس / رينجرس سان گڏ حيسڪو ون ٽنڊوالهيار جي ايس ڊي او سيد اظهر علي شاهه ۽ سندس ٽيم ۾ شامل لائين سپريڊنٽ عرفان علي، لائين مين راشد لغاري، محمد علي لنڊ سان پيارولنڊ ويجهو هڪڙا موري، ڊاسوڙي پرياسي جي علائقن ۾ بجلي تي هلندڙ ٽيوب ويل جي غير قانوني ڪنڪشن ڪاٽا ڪري بل ادا نه ڪندڙ صارفين جا ٽانسفارمر لاٿا ويا ڪجهه علائقن بقايات وصول ڪئي ان موقعي ايس ڊي او حيسڪو سب ڊويزن ون ٽنڊوالهيار سيد اظهر علي شاهه چيو ته بجلي چوري ۽ غيرقانوني ڪوڊا سسٽم جي اجازت نه ڏبي ۽بقايات ادا نه ڪندڙ جا ڪنڪشن ڪٽيا ويندا

راڌڻپور جي ڳوٺ رتن پنهور جي رهواسي جو گڏيجي ۾ احتجاج

تعليم دشمن ايس ايڇ او محبت ديرو اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: عامر حسين

اسان جي مٿان ڪنب ٿاڻي تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي خاندان کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي

گڏيجي (ن ع) راڌڻپور جي ڳوٺ رتن پنهور جي رهواسي نوجوان شاگرد عامر حسين پنهور ڳوٺ جي ٻااثرن جي مبينا زيادتي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هن چيوته تعليم دشمن ايس ايڇ او محبت ديرو اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي اٿون مهراڻ يونيورسٽي جو گريجوئيٽ شاگرد آهيان هن وڌيڪ چيوته اسان جي مٿان ڪنب ٿاڻي تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي خاندان کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي منهنجي تعليم متاثر ٿي رهي آهي ايس ايڇ او محبت ديرو ذوالفقار پنهور ڇٽي ٿو ته توکي ڪڏهن به پڙهڻ نه ڏيندس اسان کي پنهنجي گهر تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي ۽ موت مار ڪوڙن ڪيسن ۾ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هن انساني حقن جي عالمي تنظيمن ۽ وس وارن کان گهر ڪئي آهي ته تحفظ ڏنو وڃي ۽ ڌوهارين جو ساٿاري بڻيل ايس ايڇ او محبت ديرو ذوالفقار پنهور خلاف ڪاروائيءَ ڪئي وڃي

شهدادڪوٽ ۾ شهيد آيت الله سيد علي خامنائي جو چهلم

علامه سيد علي رضا نقوي جي پهرين ورسي تي قبر تي گلن جي چادر چاڙهي وئي

مرڪزي ٽيليفونڪ خطاب قائد ملت جعفريه پاڪستان علامه سيد ساجد علي نقوي ڪيو

شهدادڪوٽ(ن ر) معروف عالم دين ۽ استاد علماء علامه سيد گلاب علي شاهه نقوي جي فرزند علامه سيد علي رضا نقوي جي پهرين ورسيءَ ۽ رهبر شهيد آيت الله سيد علي خامنائي جي چهلم جي مناسبت جي موقعي تي جامعه مخزن العلوم جعفريه ۾ عظيم الشان پروگرام منعقد ڪيو ويو هن پروگرام ۾ حجت الاسلام مولانا محسن نقوي، حجت الاسلام مولانا حاجي محمد حسن آف دريا خان ۽ شيعه علماء ڪائونسل پاڪستان جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر علامه شبير حسن الحسن ميثمي خطاب ڪيو جڏهن ته مرڪزي ٽيليفونڪ خطاب قائد ملت جعفريه پاڪستان علامه سيد ساجد علي نقوي ڪيو پروگرام ۾ سڄي پاڪستان مان عالمن شاگردن ۽ مريدن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي جن ۾ حجت الاسلام والمسلمين علامه سيد محمد تقي نقوي، علامه ڊاڪٽر محمد ڪاظم نقوي، مولانا سيد باقر عباس، مولانا سيد علي سجاد، مولانا سيد محمد رضا شامل هئا علامه ڊاڪٽر شبير حسن ميثمي ۽ علامه سيد محمد تقي نقوي، زاهد علي آخونزاده استاد عالمن ۽ علامه سيد علي رضا نقوي جي قبر تي گلن جي چادر چاڙهي اعلي درجن لاءِ اجتماعي دعا ۽ فاتحه خواني ڪئي وئي.

شهدادڪوٽ معروف عالم دين ۽ استاد علامه گلاب شاهه نقوي جي فرزند علامه سيد علي رضا نقوي جي پهرين ورسي جامع مخزن العلوم ۾ ٿي رهي آهي

مورو پرسان دادو مورو پل وٽ سنڌو درياءَ مان مليل لاش جي سڃاڻپ ٿي وئي

مورو(ن ع) مورو پرسان دادو مورو پل وٽ سنڌو درياءَ مان مليل لاش جي سڃاڻپ ٿي وئي آهي جنهن جو نالو منصور احمد جمالي ولد محمد موسا جمالي نزد سيال ناڪو غريب آباد محلا شهر دادو آهي اهڙو اطلاع پوليس پاران سندس وارثن کي ڏنو ويو آهي مذڪوره شخص جو لاش سنڌو درياءَ ۾ لڙهندي ڏسي مقامي ڪوڙن ۽ ٻيڙي وارن لاش درياءَ مان ڪڍي ڪناري تي آندو اهڙو اطلاع حد جي ڪورائي پوليس ٿاڻي کي ڏنو ويو جنهن رڪشا جي لوڊر ۾ لاش ڪڻائي مورو اسپتال آندو ويو جنهن جي سڃاڻپ لاءِ نلاش ايپ ذريعي ڪئي.

During the holy month of Ramadan, Khurram Khalil Nanitalwala, Chief Operating Officer of Medicam Group of Companies, hosted a dignified Iftar dinner in honor of the factory staff in a warm and respectful atmosphere. The gathering was attended by prominent figures from diplomatic, administrative, social, and financial sectors, including the Consul Generals of Thailand and Sri Lanka, Chairman Medicam Group Khalil Ahmed Nanitalwala, Salman Khalil, Junaid Khalil, Zeeshan Altaf Lohya, Ramiz Sheikh, Omar Lohya, Mrs. Khalil Nanitalwala, Mrs. Khurram Khalil, Mian Zahid Hussain, Aamir Farooqui, Dr. Qaiser Waheed, Commander Hassan Mukhtar, Omar Qasim, Sajid Sadozai, Tahir Mahmood, Ali, and other distinguished guests. On this occasion, speakers highlighted the spiritual significance of Ramadan and emphasized the values of unity, harmony, and social connection. Host Khurram Khalil Nanitalwala thanked the guests and reaffirmed Medicam Group's commitment to social welfare and community development, while the ceremony concluded with warm greetings and best wishes in the true spirit of Ramadan.

Businessman Arslan Iqbal Noori hosted a lavish Iftar dinner at Mandi House for his close friends and associates. The host warmly welcomed the guests ensured their comfort throughout the evening. The elegant gathering brought together prominent members of the business community, creating an atmosphere of warmth, networking, and celebration. Among the distinguished guests were MNA Farhan Chishti, Faizan Waheed, Dr. Ibrahim, Faheem Khan, Hussain Thebo, and several other notable individuals. The evening was marked by gracious hospitality, meaningful conversations, and a spirit of unity, reflecting both personal bonds and strong professional connections.



Owais Adamani hosted a lavish Sehri dinner at his residence on the occasion of the completion of the Holy Quran. The host warmly received his guests and ensured a comfortable and welcoming environment throughout the gathering. The event brought together close friends and members of the business community, creating a spiritually uplifting and socially engaging atmosphere. Among the notable attendees were Rahim Jano, Patron-in-Chief of the Rice Exporters Association of Pakistan (REAP), Pakistan Peoples Party leader Waqar Mehdi, and several other distinguished guests. The evening was marked by heartfelt conversations, gracious hospitality, and a shared sense of gratitude and unity.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اڱارو 31 مارچ 2026ع

8 سالن جي جدوجهد ڪانپوءِ به انصاف نه مليو!

گذريل ڏينهن ميهڙ ۾ پيش آيل واقعي جي هاءِ پروفائيل قتل ڪيس جو فيصلو ٻڌايو ويو. دادوءَ جي ماڊل ڪرمنل ڪورٽ امر رباب چانڊيو جي ڏاڏي، والد ۽ چاچي جي هاءِ پروفائيل قتل ڪيس ۾ نامزد سمورن جوابدارن کي بري ڪري ڇڏيو آهي. عدالت طرفان 44 صفحن تي مشتمل فيصلو لکت ۾ جاري ڪيو ويو، بري ٿيندڙ جوابدارن ۾ ايم پي ايز سردار خان چانڊيو، برهان خان چانڊيو، اڳوڻو ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو ۽ ٻيا شامل آهن. عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي امر رباب چانڊيو چيو آهي ته 'اڄ عدالت جي ڏنل فيصلي ڪانپوءِ اٿين محسوس ٿئي ٿو ته سردار ۽ ڀوتار قانون کان مٿاهان آهن. جڏهن ته ان موقعي تي فريادي ڌر جي وڪيل جو چوڻ هو ته 'ڪيس ۾ نامزد سمورا جوابدار عدالت پاران بري ڪيا ويا آهن، ٽن ڄڻن کي ڏينهن ڏٺي قتل ڪيو ويو، اسان جي نظر ۾ ثبوتن جي بنياد تي سزا ٿي پئي سگهي، فيصلي خلاف هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ڪنداسين.' هاءِ پروفائيل ڪيس جي فيصلي جي موقعي تي سيڪيورٽيءَ جا انتهائي سخت انتظام ڪيا ويا هئا. ڊي ايس پيز سميت 450 پوليس اهلڪار سيڪيورٽيءَ لاءِ مقرر ٿيل هئا. واضح رهي ته ميهڙ ۾ 17 جنوري 2018ع تي ميهڙ جي ڊي ايس پي آفيس ۽ ٻن ٿاڻن کان 100 ميٽر جي مفاصلي تي هٿيارٻندن حملو ڪري اُمِ رباب چانڊيو جي ڏاڏي، والد ۽ چاچي کي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو هو جڏهن ته حملي دوران حملي آورن مان هڪ ڄڻو غلام قادر چانڊيو موقعي تي ساٿين جي فائرنگ ۾ مارجي ويو هو جڏهن ته امر رباب چانڊيو جي چاچي پرويز چانڊيو جي فرياد تي ميهڙ ٿاڻي تي سردار خان چانڊيو جي پٽ ۽ برهان خان چانڊيو جي موجودگي جاڻائڻ سميت 8 جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو هو جنهن ۾ مرتضيٰ چانڊيو ذوالفقار چانڊيو سڪندر چانڊيو علي گوهر چانڊيو عبدالستار چانڊيو ۽ ان وقت جو فريدآباد ٿاڻي جو ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو سميت 8 جوابدار شامل هئا.

سنڌ جي سماجي ۽ عدالتي تاريخ ۾ اُمِ رباب چانڊيو جو ڪيس هڪ اهڙو باب بڻجي چڪو آهي، جيڪو رڳو هڪ خاندان جي الميي تائين محدود ناهي پر ان سياسي اثر رسوخ ۽ حقيقي چهري کي سامهون آڻي ڇڏيو آهي. ڪيس ۾ نامزد سڀني جوابدارن جي بري ٿيڻ تي ڪجهه سوال ضرور اُٿي رهيا آهن ته ڇا واقعي جا ثبوت ڪمزور هئا يا وري ڪيس کي ڪمزور بڻايو ويو هو؟ ٻئي طرف ڪيس جي ڪارروائيءَ تي نظر وجهنداسين ته ڪيترين ئي شيون سامهون اچن ٿيون، جنهن مان ٿي سڀ ڪجهه واضح ٿئي ٿو سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته فريادي ڌر مطابق ڪيس ۾ شاهدن جا بيان، ميڊيڪل رپورٽون ۽ ٻيا اهم ثبوت موجود هئا. باوجود ان جي سڀني جابدارن جو بري ٿيڻ جو فيصلو اچڻ شڪ کي جنم ڏئي ٿو ته يا ته جاچ جي مرحلي ۾ خاميون ڇڏيون واڻي ڪيون ويون يا معزز عدالتن تائين پهچڻ کان اڳ ثبوتن کي ڪمزور ڪيو ويو هو. جڏهن جوابدار پاڻ وقت جا واڳ ڌڻي هجن. تڏهن پوليس ۽ لاڳاپيل ادارن تي دٻاءُ پوڻ هڪ عام حقيقت آهي. بلڪ اهڙي دٻاءُ هيٺ ڪيسن جو رُخ تبديل ٿيڻ. شاهدن جو ڦري وڃڻ يا ثبوتن جو غير موثر ٿيڻ ڪا نئين ڳالهه ناهي. اٺ سال پراڻو ڪيس جنهن ۾ بار بار ٻڌڻين جو ملتوي ٿيڻ، هرون ڀرون جي دير ۽ قانوني پيچيدگيون شامل رهيون. آخرڪار اهڙي نتيجي تي پهتي جيڪو متاثر ڌر لاءِ مايوسيءَ کان سواءِ ڪجهه به ناهي.

تنهن هوندي به اُمِ رباب جي همت ۽ عزم هڪ نئين اميد کي جنم ڏئي ٿو هن واضح ڪيو آهي ته هوءَ هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ ۾ هن فيصلي کي چئلينج ڪندي. اهو قدم نه رڳو سنڌس ذاتي جدوجهد جو تسلسل آهي پر اهو انهن سڀني مائٽن لاءِ هڪ پيغام آهي، جيڪي ظلم خلاف آواز اُٿارڻ چاهين ٿا. اُمِ رباب جي والد، ڏاڏي ۽ چاچي جو هاءِ پروفائل ڪيس اسان سڀني لاءِ هڪ امتحان بڻجي ويو آهي. ڇا اسان اهڙي سماج کي قبول ڪنداسين، جتي طاقتور قانون کان مٿاهان هجن؟ يا وري اسان هڪ اهڙو نظام ٺاهڻ لاءِ آواز اٿارينداسين، جتي هر شهريءَ کي برابر انصاف نه ملي سگهي؟ بهرحال ظاهري طور جيئن هن ڪيس ۾ سچ کي دٻايو ويو آهي ته اهو رڳو اُمِ رباب جي خاندان جو مسئلو ناهي رهيو پر حقيقت ۾ اسان جي سماج جي شڪست ٿي آهي.

ميهڙ واقعي جو فيصلو ۽ اُمِ رباب جي جدوجهد!

غلام حسين لغاري

8 سال اڳ ميهڙ ۾ چانڊيا قبيلي جي هڪ ئي خاندان جي ٽن ڄڻن جا جيڪي ڏهڪائيندڙ خون ٿيا هئا، ان سالن بعد انهن جو فيصلو به ڏينهن اڳ دادوءَ جي ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ ٻڌايو آهي، جنهن ۾ هنن خونن ۾ حڪومتي ڌر سان واسطو رکندڙ ٻن سردارن برهان خان چانڊيو، سردار خان چانڊيو سميت چانڊيا قبيلي جي پنجن ڄڻن ۽ هڪ پوليس آفيسر کي بيڏوهي قرار ڏيندي آزاد ڪيو ويو آهي. عدالت جن به قانوني نقطن کي نظر ۾ رکندي فيصلو ٻڌايو آهي، انهن ۾ ڪجهه نقطا هن ريت آهن: پهريون نقطو اکين ڏٺل شاهدن تي شڪ آهي، جنهن ۾ عدالت چيو آهي ته واقعي وقت شاهدن جي موجودگي مشڪوڪ آهي. فائرنگ باوجود ڪنهن به شاهد کي هلڪي خراش به نه لڳي، جڏهن ته شاهدن مطابق ملزم ويجهو بيهي فائرنگ ڪري رهيا هئا. ٻيو نقطو اهو آهي ته شاهدن چيو ته مقتول ڪرم الله ۽ غلام قادر پاڻ ۾ وڙهندا رهيا پر ميڊيڪل رپورٽ موجب ڪين سامهون کان گوليون لڳيون، جيڪا اهڙي حالت ۾ ناممڪن آهي. ٽيون نقطو واقعي کان لڳ ڀڳ 16 ڪلاڪ دير سان ايف آءِ آر داخل ڪرڻ آهي، جنهن مان شڪ پيدا ٿيو ته جوابدارن جا نالا صلاح مشوري سان شامل ڪيا ويا آهن.

فيصلي اچڻ کان اڳ دادو، ميهڙ ۽ قمبر شهدادڪوٽ ۾ سخت حفاظتي اپاءَ وٺندي شهري حدن توڙي انڊس هاءِ وي تي پوليس ۽ رينجرز جا جوان بيهاريا ويا هئا، جن جو اُنگ سوَن ۾ نه پر هزارن ۾ هو. ايتري قدر جو سيشن ڪورٽ دادوءَ ڏانهن ويندڙ سمورا رستا ڪرفيوءَ وارو ڏيک ڏئي رهيا هئا. وڪيلن ۽ سائلين کي به اندر وڃڻ جي اجازت نه هئي. بهرحال امن امان جي بگاڙ جو جيڪو خطرو ۽ اندازو لڳايو ويو هو، فيصلي اچڻ بعد صورتحال معمول تي رهي، ڪو به اڻوندڙ واقعو پيش نه آيو. البته هن ڪيس جي فريادڻ امر رباب جيڪا پاڻ به وڪيل آهي، جنهن جو ڏاڏو، والد ۽ چاچو قتل ڪيا ويا هئا. امر رباب فيصلي اچڻ وقت زارو زار روڄ راڄ ڪندي نظر آئي، جڏهن ته ڪيس ۾ نامزد جوابدار مطمئن نظر آيا. عدالت ٻاهران سنڌن حمايتي هنن جي حق ۾ نعري بازي ڪندي نظر آيا. سنڌ نه پر پوري ملڪ ۾ هيءُ پهريون ڪيس آهي، جنهن ۾ فريادي توڙي جوابدار ڌر کي پوري ريت حفاظتي پروٽوڪول ملندو رهيو آهي. ايتري قدر جو ڳالهه فيصلي واري ڏينهن به ڪين حفاظتي پروٽوڪول مليل هو جيڪو معمول کان وڌيڪ هو اها الڳ ڳالهه آهي ته صحافين کي رپورٽنگ ڪرڻ لاءِ عدالتي احاطي کان پري رکيو ويو جيڪي عدالت کان ٻاهر روڊ رستن تي ويهي رپورٽنگ ڪندي نظر آيا. جڏهن دادوءَ کان ٻاهر جا صحافي به هن ڪيس جي فيصلي جي رپورٽنگ ڪرڻ لاءِ پهتل هئا. انهن فيصلي اچڻ کان اڳ لائيو اچي امڪاني فيصلي اچڻ بابت پنهنجا اندازا لڳائي رهيا هئا، جن مان ڪن جا اندازا صحيح ثابت ٿيا آهن. جوابدار ڌر پنهنجي باعزت آزاديءَ جي سَئو سيڪڙو جڏهن ته فريادي ڌر جوابدارن کي سخت سزا ملڻ جي اميد نظر آئي.

ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته فريادي ڌر يعني امر رباب جو والد، ڏاڏو ۽ چاچو 8 سال اڳ هڪ خوني حملي ۾ قتل ڪيا ويا هئا، جن کي ڪنهن ته قتل ڪيو هوندو جيڪي 8 سالن جي عرصي گذرڻ بعد به واڪا ناهن ٿي سگهيا. بقول فريادي ڌر جي وڪيل جي ته سنڌن ڪيس مضبوط هو، مضبوط شاهديون ۽ رپورٽون موجود هيون پر سنڌس ڪيس 26هين ترميم جو شڪار ٿيو آهي. تنهنڪري ڪين هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ جا آپشن موجود آهن. فريادي ڌر جي اڳواڻ امر رباب جيتوڻيڪ عدالت ۾ فيصلي بعد تمام گهڻو روئي ڏنو، پوءِ به سنڌس حوصلو بلند هو مايوس نظر نه آئي، جنهن عدالت کان ٻاهر نڪري صحافين کي گاڏيءَ اندران ٻڌايو ته ساڻس انصاف ناهي ٿيو هو هاءِ ڪورٽ ۾ سمورين شاهدين ڪٺي اپيل ڪندي، جتان ڪيس انصاف ملڻ جي اميد آهي. امر رباب عدالت کان ٻاهر نڪتي ته سنڌس حمايتي موجود هئا. هن صحافين کي ٻڌايو ته هن فيصلي سان ڀوتارن ۽ سردارن کي لائسنس ملي ويو آهي ته اهي ڪڏهن به ڪنهن کي به ڪيترا به خون ڪري ۽ ڪرائي سگهن ٿا؟ جڏهن ته هو عوامي سطح ته ڪيس ڪٿي جڪي آهي. امر رباب پرعزم پراعتماد نظر آئي ۽ چيو ته سردارن ۽ ڀوتارن خلاف سنڌس جدوجهد جاري رهندي.

جيستائين اپيلون هلن ۽ انهن جا فيصلا اچن، سردار خان چانڊيو ۽ برهان الدين چانڊيو هن ڪيس ۾ سرخرو ٿيا آهن. جڏهن ته متاثر ڌر خاص طور تي هن ڪيس جي پيروي ڪندڙ امر رباب پنهنجي وڪيلن ۽ قانوني مشيرن سان رابطا شروع ڪري ڇڏيا

جنگ لاءِ نئين دفاعي حڪمت عملي!

ڊاڪٽر مرزا اختيار بيگ

آمريڪا، اسرائيل ۽ ايران جي فوجي ٽڪراءَ جا اثر صرف انهن ٽن ملڪن تائين محدود نه رهيا آهن، پر انهن جو اثر سڄي دنيا جي سياست ۽ معيشت تي پيو آهي. تاريخ ڏيکاري ٿي ته وڏيون جنگيون رڳو ميدانِ جنگ ۾ نه ٿينديون آهن، پر انهن جا اثر سفارتڪاري، عالمي منڊين ۾ آثار چڙهاءَ، توانائي جي ترسيل وارن رستن، ملڪن جي اتحاد تي ۽ خاص ڪري خليج فارس ۽ تنگ پاڻيءَ جي رستن جهڙوڪ هرمز جي ڇيڙي (جتان دنيا جو 20 سيڪڙو تيل ۽ 30 سيڪڙو گيس گذري ٿو) تي پوندا آهن. جيڪي عالمي معيشت لاءِ وڏو چئلينج بڻجي وڃن ٿا. هن علائقي ۾ وڌندڙ ٽڪرار سبب تيل جي قيمتن ۾ واڌ، ملي منڊين ۾ غير يقيني صورتحال، عالمي واپار ۽ چين جي سپلاءِ تي منفي اثر پئجي رهيو آهي. موجوده بحران اسلامي دنيا لاءِ هڪ وڏو امتحان آهي جنهن ۾ سياسي فهم، گڏيل اتحاد، هوشيار حڪمت عملي ۽ صبر جي ضرورت آهي. سڄي دنيا جي سياست هن وقت اهڙي مرحلي ۾ آهي جتي طاقت جو محور بدلجي رهيو آهي اهو عالمي نظام جيڪو ڪيترن ڏهاڪن کان مغربي ملڪن جي حڪمراني ۾ هو هاڻي نئين جاگرافيائي ۽ سياسي چئلينجز کي منهن ڏئي رهيو آهي. چين، روس ۽ ٻيا اڀرندڙ ملڪ هاڻي نئون عالمي توازن ناهي رهيا آهن. مثال طور، پاڪستان، سعودي عرب، ترڪي ۽ مصر جي پرڏيهي وزيرن جو اسلام آباد ۾ اجلاس ٿيو، جنهن جي صدارت پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار هڪ پروسي واري ثالث جي حيثيت سان ڪئي، جيڪو گڏيل مفاهمت لاءِ هڪ مثال آهي. يوڪرين جي جنگ ۽ ايشيا ۾ فوجي اتحاد ڏيکاري ٿو ته دنيا هاڻي هڪ ملٽي پولر (گهڻا مرڪزي طاقت وارا) نظام ڏانهن وڌي رهي آهي. آمريڪا جي اڳوڻي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اقتدار ۾ اچڻ بعد واعدو ڪيو هو ته هو دنيا ۾ امن قائم ڪندو، پر هڪ سال جي اندر ئي ڪيترائي نوان جنگي محاذ کوليا ويا.

وچ اوڀر ۾ تازي جنگي صورتحال عالمي طاقتن جي وچ ۾ اثر ۽ رسوخ جي هڪ نمايان مثال بڻجي چڪي آهي. هي ٽڪرار صرف جنگ تائين محدود ناهي رهيو، پر ان جا اثر عالمي معيشت، توانائي جي فراهمي وارن رستن، ملڪن جي اتحادن ۽ سڄي دنيا جي سياست تي پڻ پيا آهن. ڊونلڊ ٽرمپ ايران ۾ حڪومت بدلائي پنهنجي مرضي جي حڪومت قائم ڪرڻ ٿي چاهي، جنهن لاءِ هن مذهبي ڪارڊ به استعمال ڪيو پر ڪامياب نه ٿي سگهيو هاڻي صاف ٿي چڪو آهي ته هن جنگ جا اثر صرف فوجي محاذ تي نه پر عالمي معيشت، توانائي جا رستا، چين جي سپلاءِ ۽ ملڪن جي اتحاد تي به پوندا ۽ اهي اثر صرف وچ اوڀر تائين محدود نه رهندا پر يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا تائين پهچي سگهن ٿا. موجوده سالن ۾ ڏکڻ ايشيا ۽ وچ اوڀر ۾ جيڪي واقعا پيش آيا آهن، انهن عالمي فوجي توازن بابت نئين بحث کي جنم ڏنو آهي ۽ دنيا ۾ طاقت جي نئين ترتيب بابت سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. مئي 2025ع ۾ پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ جيڪي محدود پر اهم ٽڪراءُ ٿيا، انهن ثابت ڪيو ته دفاعي ميدان ۾ جديد ٽيڪنالاجي جو ڪيترو اهم ڪردار آهي. ان جو هڪ واضح مثال وچ اوڀر ۾ ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ وڌندڙ ٽڪرار ۽ جديد هٿيارن جو استعمال آهي. فوجي ماهرن جو چوڻ آهي ته جديد جنگ هاڻي صرف زميني محاذ تي نه آهي، پر اها سائبر ٽيڪنالاجي، مصنوعي ذهانت (Artificial Intelligence)، سسٽم جامنگ، سائبر دفاعي نظام ۽ سائبر آپريشنز تي پاڙي ٿي. ان جو تعلق خاص طور تي چيني ٽيڪنالاجي سان به آهي، جنهن مان سبق ملي ٿو ته مستقبل جون جنگيون ميدانِ زمين يا سمنڊ کان وڌيڪ ڊجيٽل ۽ سائبر فضا ۾ ٿينديون. هڪ وقت هو جڏهن ٽينڪ، توپ ۽ بارودي سرنگون جنگ جي نتيجو طئي ڪنديون هيون، اڄ جي دور ۾ الگورٿم، ڊيٽا نيٽ ورڪ، مصنوعي ذهانت ۽ ڊرون ئي جنگ جي نتيجي جو فيصلو ڪندا. جنگ هاڻي شطرنج جهڙي ٿي چڪي آهي، جتي هر چال جو جواب هڪ نئين ۽ وڌيڪ پيچيده چال سان ڏنو وڃي ٿو. عالمي طاقت جو توازن آهستي آهستي بدلجي رهيو آهي ۽ هاڻي صرف آهي ملڪ نئين منظر نامي ۾ اثر رکي سگهندا جيڪي ٽيڪنالاجي، معيشت، تحقيق ۽ سفارتڪاري ۾ مضبوط آهن.

چين جي جديد ٽيڪنالاجي دنيا ۾ طاقت جي توازن کي بدلائي ڇڏيو آهي. اهڙين حالتن ۾ اسلامي ملڪن لاءِ ضروري ٿي ويو آهي ته آهي پنهنجي گڏيل مفادن جي حفاظت لاءِ اهم ڪردار ادا ڪن. اسلامي دنيا جي سڀ کان وڏي ڪمزوري اِها آهي ته ڪيترن ئي مسلم ملڪن ۾ اندروني ۽ هڪٻئي سان ٽڪرار آهن. انهن کي عالمي طاقت جي پروڪسي (ٻين ملڪن لاءِ وڙڻ) بڻجڻ کان بچڻ گهرجي. پاڪستان لاءِ به اها صورتحال انتهائي حساس آهي. اسان کي گهرجي ته خطي ۾ هڪ ذميوار ۽ متوازن ڪردار ادا ڪريون. اسان جي پهرين ترجيح هجڻ گهرجي ته خطي ۾ امن لاءِ سفارتي ڪردار ادا ڪيو وڃي. جيڪڏهن وچ اوڀر جي جنگ ڊگهي ٿي وڃي ٿي ۽ هرمز جي بندش سبب تيل ۽ گئس جي فراهمي متاثر ٿئي ٿي ۽ قيمتون تمام گهڻيون وڌن ٿيون ته پاڪستان کي فوري طور ملڪ ۾ تيل جا اسٽريٽجڪ ذخيرا ناهڻ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. پاڪستان کي پنهنجي دفاعي صلاحيت، سائبر سيڪيورٽي ۽ اندروني استحڪام کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻو پوندو ۽ جلد کان جلد اقتصادي خودمختياري حاصل ڪرڻي پوندي، جيئن اسان هڪ آزاد ۽ خودمختيار پرڏيهي پاليسي ناهي سگهون. موجوده بحران سڄي اسلامي دنيا لاءِ هڪ جاڳرتا جو پيغام آهي. اهڙين حالتن ۾ مستقبل ۾ پاڪستان، سعودي عرب، مصر ۽ ترڪي کي 'وڏن پاٿرن' جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو، يعني خطي ۾ حفاظت، اتحاد ۽ اڳواڻي لاءِ اڳتي اچڻ گهرجي.

ايران-آمريڪا جنگ ۾ پاڪستان جي ڪامياب سفارتڪاري!


رحمت الله ٻرڙو

ايران آمريڪا ۽ اسرائيل جنگ ۾ پيدا ٿيل عالمي صورتحال جتي توجهه جي گهرجائو آهي، اتي ان عالمي پسمنظر عالمي قوتن کي به غور ڪرڻ تي مجبور ڪري وڌو آهي. اهڙيءَ جنگي صورتحال ۾ پيدا ٿيل بحران عالمي طاقتن جي سوچ ۽ فڪر کان مٿاهين صورتحال پيدا ڪري ورتي آهي. ايران آمريڪا جي وچ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ مسلم رياستن مان واحد ملڪ پاڪستان آهي ان سلسلي ۾ رياست ۽ قيادت جي صورت، جيڪو سفارتڪاري ڪردار ادا ڪري سامهون اچي بيٺو آهي سو پڻ ساراهه جوڳو عمل چئجي ته غلط نه ٿيندو ان سلسلي ۾ پرڏيهي ميڊيا جي خبرن موجب پاڪستان پنهنجي سفارتڪاري حڪمتي عمليءَ ۾ وڏو ڪامياب ويو آهي. ان بنياد تي هڪ آمريڪي اخبار جو چوڻ آهي ته پاڪستان جي اڳواڻن آمريڪي صدر ٽرمپ ۽ ايراني صدر مسعود پزشڪيان سان ويجها رابطا رکيا. اهي رابطا پاڪستان وچ اوڀر ۾ امن لاءِ ڀرپور سفارتڪاري ڪوششون ڪيون. جڏهن ته ٽيليفونڪ سفارتڪاريءَ جو اهم ڪردار رهيو. آمريڪي اخبار پنهنجي تبصري ۾ چيو آهي ته وزيراعظم شهباز شريف، پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير مسلسل سفارتڪاري رابطن جي ذريعي خطي ۾ امن بحال ڪرڻ وارين ڪوشش ۾ مصروف آهن. اهڙي نموني پاڪستان جي سفارتڪاري ڪردار تي مختلف ملڪن جا نمائندا ۽ عالمي ادارا پنهنجا بيان ڏيندا رهن ٿا. جيئن ڪجهه پرڏيهي نمائندن پاڪستان جي سفارتڪاري ڪوشش کي ساراهيو آهي. چين جي پرڏيهي وزارت پاڪستان جي علائقائي امن لاءِ ڪيل ڪوشش کي 'مخلص ۽ تعميري' قرار ڏنو آهي، خاص طور تي، چين پاڪستان جي ايران-آمريڪا چڪتاڻ ۾ ٿياڪڙيءَ جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ چيو ته پاڪستان علائقائي استحڪام لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. اهڙي طرح سعودي عرب جي پرڏيهي وزير فيصل بن فرحان پاڪستان جي ڪردار کي 'مثالي' قرار ڏنو هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان ٻنهي ملڪن کي ڳالهين لاءِ تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. جڏهن ته ترڪ صدر رجب طيب اردگان به پاڪستان جي سفارتڪاري کي ساراهيو آهي.

هوڏانهن گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس پاڪستان جي پرامن ڪوشش کي 'مثبت مثال' سڏيو آهي ۽ چيو ته پاڪستان خطي ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ اڳواڻي ڪري رهيو آهي. روسي پرڏيهي وزير سرگئي لاوروف به پاڪستان جي سفارتڪاري کي ساراهيو آهي، خاص ڪري افغان امن عمل ۾ پاڪستان جي سهڪار تي روس جي حمايت جو اظهار ڪيو.

هن وقت اهڙي صورتحال ۾ رياست ۽ رياستي قيادت جيڪو ڪردار ادا ڪري هتي اچي صورتحال بيهاري آهي ته ايران آمريڪا هڪ ٻئي اڳيان شرط رکي ڇڏيا آهن. آمريڪا جا 15 شرط پاڪستان معرفت ايران ڏانهن پهتا آهن. اهڙيءَ ريت ايران جا 6 اسٽريٽجڪ مطالبا پاڪستان معرفت آمريڪا کي پهچايا ويا آهن. سفارتڪاري حلقن جي ويجهو رهندڙ ذريعن جو چوڻ آهي ته تمام جلد ايران ۽ آمريڪا جي نمائندن وچ ۾ اسلام آباد ۾ ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون. اسلام آباد جي سفارتڪاري حوالن کي ويجهڙائپ کان ڏسندڙ صحافتي حلقن جو چوڻ آهي ته پاڪستان سفارتڪاريءَ سان گڏوگڏ جيڪا سياسي ۽ ملٽري سفارتڪاريءَ کي استعمال ڪيو آهي، سا پڻ وڏي سنجيدهه ڪوشش ۽ علمي سطح جي ڪردار برابر آهي. جنهن جي نتيجي ۾ آمريڪا اڳ ۽ ايران پويان مطالبا پاڪستان معرفت پڻ هڪ ٻئي ڏانهن موڪليا آهن. پاڪستاني قيادت کي وڌيڪ بهتر کان بهتر ڪردار ادا ڪندي پنهنجي سفارتڪاري ڪوشش کي ڪامياب ڪري علمي توجهه جو مرڪز پڻ بڻائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پاڪستان پنهنجي وجود کان هن وقت تائين جيڪا پنهنجي پرڏيهي پاليسي اختيار ڪندي سفارتڪاري پڻ ڪئي آهي اڄڪلهه جي صورتحال ۾ عالمي پسمنظر ۾ سامهون ٿي اچڻ ان حڪمتي عملي جو پڻ نتيجو آهي. پاڪستان پنهنجي پرڏيهي توڙي ڏيهي سفارتڪاري ۽ دفاعي حڪمت عملي اختيار ڪندي ملڪي، علائقائي ۽ عالمي سطح تي ڪاميابي اختيار ڪندي عالمي توجهه جو مرڪز بڻجي ويو آهي، سو پڻ اعليٰ سطح جي خراج تحسين برابر آهي. هوئنئن به هن وقت محسوس ٿئي ٿو ته پاڪ-آمريڪا سفارتڪاري تعلق ۽ پاڪ-ايران سفارتڪاري لاڳاپا جيڪو اعتماد بحال ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويا آهن. تنهن پاڪستاني رياست توڙي قيادت جو فخر مان ڳاٽ اوچو ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان مسلم رياستن اندر جيڪي پائدار تعلق يا سفارتڪاري ۽ دفاعي اهميت وارا لاڳاپا رکي ٿو سي پڻ مسلم رياستن ۽ مسلم رياستي قيادتن اندر وڏي اهميت رکن ٿا. سعودي عرب، ترڪي، يو اي اي، قطر بحرين، لبيا هجي يا انڊونيشيا، ملائيشيا هجي يا ڪو آفريڪي مسلم رياست چونه هجي پاڪستاني انهن مسلم رياستن وٽ وڏي حيثيت رکي ٿو. جنهن جو وڏو سبب سعودي عرب قيادت جو اعتماد ۽ خود پاڪستاني دفاعي اهميت ۽ عالمي سفارتڪاري اهميت پڻ سامهون آهي. هن ڏکي جنگي عالمي صورتحال ۾ پاڪستان کي آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ جيترو بهتر کان بهتر ڪردار ادا ڪيو ويندو، اوترو ئي ملڪي قيادت جي اهميت جي حامل هوندو. پاڪستان هن وقت جنهن پارلياماني تسلسل واري پسمنظر ۾ هلي حڪومتي، سفارتڪاري ۽ دفاعي لاڳاپن تي توجهه ڏئي آهي، سو پڻ ساراهه جوڳو عمل آهي. پاڪستاني قيادت کي هنن ايران ۽ آمريڪا ڳالهين ۾ پنهنجي به انهن ڳالهين کي سامهون رکندي ڳالهيون ڪرڻ گهرجن. جن ۾ اسان جي رياست ۽ قومي مفاد آهن. مثال طور ايران پاران پاڪستان سان گئس پائيپ لائين جو اهم اشو آهي. اهو به فقط پاڪ آمريڪا تعلق سبب ۽ ايران آمريڪا اختلافن سبب پنهنجي مقصدن تي نٿو پهچي سگهي. اهي ۽ اهڙا ڪوڙ سارا سفارتڪاري، پرڏيهي توڙي انٽرنل پاليسين جو حصو رهندڙ معاملا هوندا آهن. جن کي اهڙن موقعن تي سامهون آڻڻ ۾ ڪو حرج ناهي هوندو سياسي ڏاهپ رکندڙ ملٽري، سياسي، حڪومتي ۽ سفارتڪاري قيادتن کي انهيءَ موقعن کي سامهون رکندي ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ صورتحال ۾ جتي سپريم ڪمانڊر صدرِ مملڪت آصف علي زرداري، وزيراعظم شهباز شريف، چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي، سو پڻ قابلِ تعريف چئجي ته غلط نه ٿيندو. ان جي باوجود سامهون ايندڙ صورتحال کي ڏاهپ سان سنڀالڻ وقت جي وڏي گهرج آهي، چو ته موجوده جنگي صورتحال ۾ جتي عالمي قوتن، ادارن ۽ سعودي عرب کان وٺندي چين روس جهڙن رياستن جو سامهون اچڻ ڏکيو ٿي پيو آهي، اتي پاڪستان جو سامهون اچي اهڙو سفارتڪاري رول يا ٿياڪڙيءَ جو ڪردار ادا ڪرڻ ڪنهن عالمي حيثيت کان گهٽ ناهي. پاڪستاني موجوده حڪومتي، سياسي ۽ ملٽري توڙي سفارتڪاري اڳواڻن کي خاص طور تي پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد بينظير ڀٽو جهڙن ڪردارن کي سامهون رکي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

'راجستان جو سنڌي مسلم اڳواڻ خليفو غازي خان ڪلر'

مير اعظم علي ٽالپر

اِهو محض اتفاق هو ته 20 سال اڳ سانگهڙ جي هڪ ڳوٺ گهنڊڻ ۾ فقير فيض محمد چانگ سان هڪڙي تعزيتي ٿڌي تي ملاقات ٿي وئي ۽ فيض محمد چانگ پير سائين پاڳاري جو مُريد هو ۽ هو اڪثر ڪنگري هائوس ڪراچي ۾ رهندو هو ڪچهري ڪندي راقم هڪ عرض فيض محمد چانگ کي ڪيو ته ان انهيءَ سلسلي ۾ ڪنگري هائوس اچڻ جو مشورو ڏنو ۽ ان لاءِ پروگرام به طئي ڪيو ويو ان زماني ۾ سنڌ جو وزيرِ تعليم عرفان الله مروت هو. طئي شده پروگرام موجب ڪنگري هائوس ڪراچي پهچڻ ٿيو جتي فقير فيض محمد چانگ ۽ ڊاڪٽر ڪريم بخش مهر سان به ملاقات ٿي ۽ ڪم جو سرسري احوال به ٻڌايو ان ڪانپوءِ ڊاڪٽر ڪريم بخش مهر جيڪو جواب ڏنو هو اهو بلڪل ان طرح ثابت ٿيو هو ان ڏينهن دلي خواهش هئي ته ڪجهه گهڙيون اچا به ڪچهري ڪجي پر ڪم وارن جي رش سبب گهڻو ويهڻ ممڪن نه ٿيو حضرت پيرسائين پاڳاري جا خليفا ۽ مريد سنڌ ۽ هندستان ٻنهي طرف موجود آهن هندستان ۾ صوبي راجستان جي اولهه وارن ضلعن ۾ پير سائين پاڳاري جا ڪيترائي مريد آهن جڏهن ته سنڌ ۾ سکر ۽ گهوٽڪي جي ضلعن سان گڏ شايد سانگهڙ سان ملندڙ ضلعي جسلمير جوکي ۾ مشهور خليفو فقير غازي خان ڪلر جيڪو گذاري ويو آهي ان سلسلي ۾ مشهور صحافي ۽ بي بي سي لنڊن جي رپورٽر نارائڻ ٻاريٺ سان جنهن پور ۾ رابطو ڪيو ته 'فقير غازي خان هڪ عظيم انسان هو جيڪو گهڻي وقت کان بيمار هو. جيتوڻيڪ هُو 84 سالن جو پيرسن هو ان جي باوجود به هُو عوام جي خدمت ۾ هر وقت مصروف هوندو هو، هي حُر جماعت جسلمير، ٻاڙمير جوکيءَ جو مُک خليفو هو هيءُ ڪافي عرصو بيماري جي تڪليف ۾ مبتلا رهيو ۽ سنڌس علاج جسلمير شهر جي اسپتال ۾ هلندڙ هو، هي حُر جماعت جو هندستان ۽ راجستان ۾ اهم ترين شخصيت طور سڃاتو ويندو هو. فقير غازي ڪلر جو راجستان جي سياست ۾ وڏو عمل دخل هوندو هو ۽ هن جو شمار سياسي طور ماهر سياستدانن ۾ ٿيندو هو، هي سياسي طور هميشه برصغير جي سڀ کان جهوني ۽ پراڻي سياسي پارٽي ڪانگريس سان وابسته رهيو، جنهن سان هن جو رشتو آخري دم تائين قائم ۽ دائم رهيو، فقير غازي جو جسد خاڪي سنڌس ابائي ڳوٺ جهابرا آندو ويو جتي سنڌس جنازي نماز ادا ڪئي وئي ۽ ان بعد اٺ ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي درگاهه جهابر ۾ ڪيس مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو غازي فقير هندستان جي صوبي راجستان جي پاڪستان سان لڳندڙ سرحدي علائقي جي انتهائي معتبر ۽ اهم ترين سياسي شخصيت هو، هن کي سرحدي علائقي جو هُڻ ڪري سرحد جو سلطان سڏيو ويندو هو. غازي فقير نه رڳو ضلعي جسلمير پر پوري اولهه راجستان يعني سنڌ جي اوڀرندي علائقي ۾ مڪمل اثر رسوخ رکندڙ هو ۽ هن پوري پٽيءَ ۾ سياست سنڌس ئي اشاري تي هلندي هئي، غازي فقير جو خاندان ئي سياست سان وابسته رهيو آهي ۽ هميشه راجستان جي سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي هن علائقي جو فيصلو ڪندڙ ووٽ غازي فقير جا هوندا آهن ۽ هي پنج لک کان مٿي مسلم آبادي جو ترجمان به هو، پنج لک ووٽ سنڌس حڪم ۽ اشاري تحت ڪاسٽ ٿيندا رهيا آهن ان ڪانسواءِ مسلمان غازي فقير کي پنهنجو روحاني ۽ مذهبي اڳواڻ به سمجهندي هن کان دعا وٺندا رهندا هئا. غازي فقير سنڌ ۾ موجوده پير پاڳاري جي گادي نشين ٿيڻ واري فيصلي ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو هو، هن جي وفات تي هر هڪ اک غمگين هئي ۽ هر ڪنهن طبقي ۾ غم جي لهر ڇانيل هئي چون ٿا ته هن جي شهرت هند ۽ سنڌ ۾ جماعت ڪانسواءِ ٻاهر به تمام گهڻي هئي ۽ ڪيس انسانيت جو دوست ۽ سياست جو ابو جيءُ ويندو هو، ان ڪري هر مذهب واري کي ان جي رحلت تي صدمو هو، غازي فقير مسلسل 35 سالن جي راجستان ۾ سياست ڪئي ۽ پڪو ڪانگريسي هو ۽ اولهه راجستان وارن ضلعن ۾ هن جي حمايت ڪانسواءِ اميدوار جو کٽڻ ممڪن ئي نه هوندو هو، ان ڪري هي راجستاني سياست جو ڌڻي سمجهيو ويندو هو، ان ڪري ڪيترائي ضلعا هن جي وفات جي سوڳ ۾ بند به رهيا، هنن علائقن ۾ 1952ع کان 1980ع تائين به سياست هلندي رهندي هئي ۽ ڪانگريس پارٽي جا اميدوار ڪامياب ٿيندا رهندا هئا پر اولهه راجستان خاص ڪري جسلمير ضلعي طرف ڪنهن به وزير ۽ ميمبر ڪابه توجهه نه ڏني ۽ پورو علائقو غريب ۽ پٺتي پيل هو. جيتوڻيڪ پڳونتي ناواڻي جو هڪ مشهور ڪلام جسلمير تي آهي 'جُتي ته جسلمير جي ڪايگڻ ناهي' ان جي باوجود هن ضلعي کي ڪابه ترقي ڪنهن نه وڏائي، پر اهو ڪم جيڪو هئي ڪنهن نه ڪيو، سو ڪم ضلعي جسلمير ۾ غازي فقير ڪري ڏيکاريو ۽ ان سان عوام کي سهوليت ملڻ شروع ٿي، هن جي چوڻ ڪانسواءِ ضلعي ۾ ڪابه جُرئت نه ٿيندي هئي، هن جي حمايت ڪانسواءِ ڪانگريس جو به اميدوار نه کٽيندو هو هي قدآور سياست جو ڄاڻو ماهر بڻجي ويو هو. دراصل غازي فقير کي هن سياسي ميدان ۾ سڀ کان پهرين 1975ع ۾ ڪانگريس جي اڳواڻ پوپال سنگهه آندو هو ۽ خود پوپال سنگهه 1985ع ۾ ڪانگريس پاران راجيو گانڌي جي زماني ۾ اليڪشن ۾ بيٺو هو ۽ ڪامياب ٿيو هو پر ان ڪانپوءِ غازي فقير هن سرحدي علائقي ۾ هڪ گڏيل هندو-مسلم اهڙو فارمولو سياست جي ميدان ۾ آندو، جنهن سان هو 35 سال بي تاج بادشاهه طور راجستاني سياست جو ڌڻي ٿي ويو اِها هڪ وڏي ڳالهه هئي ته هندستان ۾ ان وقت سڀ کان وڏي سياسي ۽ حڪمران پارٽي ڪانگريس جو هڪ صوبائي اڳواڻ مسلمان ۽ سو به وري سنڌي هجي غازي فقير جي سياست جو اثر رڳو ضلعي جسلمير تائين محدود نه رهيو، پر اولهه راجستان جي ٻين ضلعن تي به رهيو، خاص ڪري سنڌ سان ملندڙ ضلعي ٻاڙمير (جيڪو ٿرپارڪر سان گڏ آهي) ۽ پڻ پالي، جوڌپور (جن ۾ مهراڻ قلعو پڻ شامل هو)، جالور، بيڪانير ۽ ٻين علائقن ۾ پڻ محسوس ڪيو ويو، ياد رهي ته ضلعي ٻاڙمير جي علائقي گڏڙو جي ريلوي اسٽيشن ٻاڙمير هندستان ۾ ۽ شهر پاڪستان ۾ آهي ۽ چون ٿا ته 1965ع جي جنگ ۾ گڏڙو ريلوي اسٽيشن تي ويٺل 9 ملازم لڙائي ۾ مارجي ويا هئا، جن جي ياد ۾ هر سال هتي اسٽيشن تي پروگرام به ڪيو ويندو آهي ۽ گڏڙي (هندستان) جا لڏون پوري هندستان ۾ مشهور آهن ۽ آهي ٻاهر به تحفي طور موڪليا ويندا آهن جيئن حيدرآباد جي بمبئي بيڪري جا ڪيڪ مشهور آهن.

بهرحال غازي فقير راجستان هندستان ۾ سنڌي مسلم سماج جو اڳواڻ هو ان جي وفات تي سنڌي مسلم آبادي ڪانسواءِ هندو سنڌي آبادي ۾ ڏک جي لهر هئي سنڌس پٽ محمد صالح جسلمير جي تڪ پوڪرڻ مان ٻه دفعا بي جي پي کان سيٽ کٽي چُڪو آهي ۽ راجستان ۾ جڏهن صوبائي سرڪار ڪانگريس جي هئي ۽ ان جو وزيراعليٰ اشوڪ گهلوٽ هو ته غازي فقير جو پٽ صالح محمد راجستاني صوبائي حڪومت ۾ اقليتي وزير هو صالح محمد جو تڪ جسلمير ۾ پوڪرن هو، سڀ کان پهرين هندستان (وزيراعظم اندرا گانڌي) جي حڪومت 1947ع ۾ پهريون ايٽمي ڌماڪو ڪيو هو ۽ ان سال سنڌ ۾ مون سون يعني ساوڻيءَ جا مينهن نه وٺا هئا ۽ سڄي ساوڻ جي موسم خشڪ سلي واري ۽ گرم رهي هئي ۽ ان لاءِ عام تاثر هندستاني ايٽمي ڌماڪي پوڪرن (جسلمير) ۾ ڪرڻ کي سمجهيو ويو هو. هن وقت سنڌس پٽ عمر الدين يٿگ ڪانگريس اڳواڻ آهي ۽ هو جسلمير ضلعي پنچائت جو چيئرمين هو، جڏهن ته غازي فقير جو ڀاءُ فتح محمد ڪلر به جسلمير جو چيئرمين رهي چُڪو آهي هنن ڪانسواءِ سنڌس خاندان مان پيراڻو ڪلر، الياس ۽ ننڍيو پٽ امين به پنهنجي پنهنجي ليکي جسلمير جي سنڌي مسلم سماج ۽ ٻين برادرين سان وابسته آهن ۽ هنن جي ڪوشش آهي ته غازي فقير جي جيڪا 36 قبيلن ۾ رسائي ۽ اثر هو اهو برقرار رهي انهن ڪوششن ۾ غازي فقير جو ڀائٽيو سڪندر (فتح محمد جو پٽ) به لڳل آهي مطلب ته غازي فقير سڀني طبقن کي هڪ ڌاڳي جي لڙهي ۾ سمويو ويٺو هو اِها لڙهي ڌاڳي جي سنڌس جهان ڇڏڻ ڪانپوءِ به قائم ۽ دائم رهي ۽ سنڌس سياست جا سياسي وارث بدستور سنڌس ڇڏيل سياسي واٽ تي هلندي عوام جي ڀرپور خدمت ڪندا رهن هن صوبائي تڪ جسلمير ۾ لوڪ سڀا جي سيٽ تي ڪانگريس پاران مشهور هندستاني ڪرڪيٽر ۽ اڳوڻو ڪپتان محمد اظهر الدين ڪانگريس جي ٽڪيٽ تي بيٺو هو پر هو ٻهراڙي جي سيٽ تي هارجي ويو، جڏهن ته ان کان اڳ محمد اظهر الدين ڪانگريس طرفان شهري سيٽ تان ڪٽي لوڪ سڀا جو ميمبر چونڊجي ويو هو. محمد اظهر الدين جي ٻي گهر واري سنڌ جاتي خاندان مان آهي ۽ سنڌس نالو سنگيتا بجلاڻي آهي ۽ هو مشهور هندي فلم اسٽار آهي ۽ هندستاني ٽيم سان گڏ پاڪستان اچي چُڪي آهي هوءَ حيدرآباد سنڌ ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي ون ڊي ميچ ڪيڏڻ وقت آئي هئي ۽ حيدرآباد شهر ۾ هوٽل ۾ رهائش وقت هوٽل جي حلت تي ٻيرن سان سنڌي ۾ ڳالهايو ته آهي حيران ٿي ويا هئا، چون ٿا ته هوٽل جي ڪمري ۾ ڪوئا ٻوڙي رهيا هئا. جسلمير جي صوبائي تڪ تي غازي فقير جي پٽ صالح محمد ڪٽيو، ان جي مقابلي ۾ ڪانگريس ۽ صالح محمد جي خلاف بي جي پي پاران به سنڌي اميدوار امين خان نهڙي کي بيهاريو ويو هو، جنهن 83700 ووٽ کنيا هئا. چون ٿا ته امين نهڙي کي بيهارڻ لاءِ وزيراعظم مودي اجازت ڏني هئي.

اڄوڪو ڏينهن - 31 مارچ

مير الهه بخش ٽالپر

اڄ مشهور استاد ۽ اديب مير الهه بخش ٽالپر جي جنم جو ڏينهن آهي هو 31 مارچ 1914ع تي مٽياري تعلقي جي ڳوٺ درياءُ خان ٽالپر ۾ ڄائو عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪيائين، اڳتي هلي ڪيس اسڪولن جو سپروائيزر مقرر ڪيو ويو هو هڪ ناليوارو ليکڪ به هو ۽ 15 ڪتاب لکيائين سنڌس ناول "پرديسيءَ جو پيار" ادبي حلقن ۾ ڪافي مشهور ٿيو هن 18 اپريل 1976ع تي وفات ڪئي.

پتا لال بي ڪشوراڻي

پتا لال بي ڪشوراڻي پنهنجي دور جو مشهور تعليمي ماهر ۽ صحافي هو هن 31 مارچ 1938ع تي تعلقي کپري ضلعي سانگهڙ جي ننڍڙي شهر هٿونگي ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو هن ايم ايس سي ۽ ايم ايڊ جون ڊگريون حاصل ڪيون ۽ سنڌ جي مختلف هاءِ اسڪولن ۾ هڪ استاد ۽ هيڊ ماسٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. 1947ع واري ورهاڱي کان پوءِ هندستان جي شهر احمد آباد ۾ رهائش اختيار ڪيائين اتي هن مشهور سنڌي اخبار "هندو" جي سب ايڊيٽر طور ڪم ڪيو هو 2007ع ۾ سنڌ گهمڻ آيو ۽ 19 جولاءِ 2007ع تي کپري ۾ سنڌس لاڏاڻو ٿيو.

محمد وارث مستوئي

محمد وارث مستوئيءَ جو شمار سنڌ جي مشهور سگهڙن ۾ ٿئي ٿو هن جو جنم 31 مارچ 1952ع ۾ محمد عثمان مستوئيءَ جي گهر ملڪيائي ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو غربت سبب فقط پنج درجا پڙهي سگهيو هن پنهنجي چاچي بخشل خان مستوئيءَ وٽ سگهڙائپ جا سبق پڙهيا 1970ع کان شاعريءَ جي شروعات ڪيائين ڪيس ڏڻ بيتن تي به وڏي مهارت حاصل هئي 2008ع ۾ قلندر شهباز جي ميلي تي ڪيس بهترين سگهڙ جو اعزازي سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو هن ڊسمبر 2021ع ۾ دم ڏڻيءَ حوالي ڪيو.

پاس ڪيائين 1987ع ۾ لياقت ميڊيڪل يونيورسٽيءَ مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪري ڊاڪٽر ٿيو. هن سنڌ جي مختلف اسپتالن ۾ هڪ ڊاڪٽر طور ڪم ڪيو هن ڪراچيءَ جي ڊي سي او ۽ سيڪشن آفيسر طور ڪم ڪيو هن ڪيترين ئي مفت طبي ڪئمپون لڳايون ۽ غريب شاگردن لاءِ مفت ٽيوشن جو اهتمام ڪيو هو سورهيه بادشاهه جو وڏو معتقد هو ۽ سانگهڙ ۾ سورهيه بادشاهه جون ڪيترائي ميلا ورسيون ملهائڻ جو انتظام ڪيائين هو هڪ سٺو ليکڪ ۽ ڪالم نگار به هو سنڌس مضمون ڪالمن ۽ تقريرن جو ڪتاب "سڪر سر نه سانئين" سنڌس وفات کان پوءِ 2001ع ۾ ڇپيو هو 29 اپريل 2000ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڪجهه سماج دشمن عناصر جي هٿان موت جو شڪار ٿي ويو.

مولانا عبدالڪريم چشتي

مولانا عبدالڪريم چشتي پنهنجي دور جو وڏو ديني عالم، ليکڪ، صحافي ۽ فريڊم فائٽر هو سنڌس ولادت ميان عبدالله جي گهر ۾ 1898ع ڌاري ٿي ان وقت جي دستور مطابق وقت جي علمن کان ديني ۽ دنيوي تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو هو هڪ سٺو حڪيم پڻ هو مولانا صاحب آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو 1918ع ۾ ڊاڪٽر ايني بسنت جي هوم رول ۾ شامل ٿيو هو سنڌ خلافت ڪاميٽيءَ جو نائب صدر پڻ رهيو ان کان علاوه جميعت العلماءِ هند ۽ هجرت تحريڪ سان به لاڳاپيل رهيو هن ڪيترين ئي اخبارن جاري ڪيون، جن ۾ صداقت (جيڪب آباد)، پيغام (شڪارپور)، پاڪستان (لاڙڪاڻو) ۽ جمهور (شڪارپور) شامل آهن پاڻ ڪجهه اخبارن جو ايڊيٽر پڻ رهيو 1924ع ۾ ديني ڪتابن جي اشاعت لاءِ شڪارپور ۾ "انجمن اشاعت اسلام" جو بنياد وڌائين هن چار ڀيرا حج جي سعادت به حاصل ڪئي مولانا صاحب سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ مختلف ديني موضوعن تي 50 کان وڌيڪ ڪتاب لکيا آخرڪار 31 مارچ 1964ع تي ابدي سفر

مختيار انڙ

هن 1950ع واري ڏهاڪي ۾ ڪيترائي شاندار مضمون لکيا. سنڌس ڪهاڻين جا مجموعا "اوچنگارون" ۽ "فرياد عورت" ڇپيل آهن نثر سان گڏ نظم ۾ به سنڌس ڪو ثاني نه هو پاڻ غزل جو بيمثال شاعر هو سنڌس شاعريءَ جو مجموعو "ڪليات فيض حيدري" محمد اڪرم پنهور سهيڙي پڌرو ڪيو آهي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ڪتاب مولود، مناقبا، قافيون ٽيون حصو، وڻجارن وايون ۾ ۽ مختيار احمد ملاح جي سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ ۾ پڻ سنڌس ذڪر موجود آهي سنڌي ادب جي هن املهه ماڻڪ 31 مارچ 1968ع تي هن فاني جهان مان ڪوچ ڪيو.

پروفيسر رام پنجواڻي

اڄ هند ۽ سنڌ جي مشهور اديب، راڳي ۽ ناٽڪ نويس پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو پورو نالو رام پرتاب پنجواڻي هو ۽ هن 20 نومبر 1911ع تي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو لاڙڪاڻي ۾ مشهور شاعر ڪشنچند بيوس جي صحبت ۽ سرپرستيءَ اڳتي هلي هن کي سنڌ جو وڏو شاعر ۽ راڳي بڻائي ڇڏيو. ڪشنچند بيوس هن کي پنهنجو روحاني پٽ سڏيندو هو. هن مئٽرڪ جو امتحان لاڙڪاڻي مان پاس ڪيو ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج مان گريجوئيٽ ٿيو پنهنجي سُريلي آواز سبب هو سڄي ڪاليج ۾ مشهور هو گريجوئيٽ ٿيڻ بعد ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ ئي ليڪچرار مقرر ٿيو. هن سنڌ ۽ هند ۾ لڳ ڀڳ 50 سال هڪ استاد ۽ پروفيسر طور قوم جي نونهالن کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪيو هن سنڌي ٻوليءَ کي هندستان ۾ مڃتا بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌيءَ جو پهريون ريڊر ۽ ڪيترن ئي ڪاليجن جو اعزازي پروفيسر رهيو هو هڪ ئي وقت شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ناٽڪ نويس ۽ مهان راڳي هو. متڪوڄائي سهڻا سروڪيريندو هو هن شاهه لطيف جي ستن سورمين تي ست ناٽڪ لکي ڪافي نالو ڪمايو هن مشهور فلم سنڌوءَ جي ڪناري سميت ٻين فلمن ۾ به عمدا ڪردار ادا ڪيا. هن ڪيترائي ڪتاب به لکيا، جيڪي سنڌي ادب جو انمول سرمايو آهن سنڌيت جي هن شيدائيءَ جو لاڏاڻو 31 مارچ 1987ع تي ٿيو.

عبدالسلام ٿهيم

اڄ مشهور ڪهاڻيڪار عبدالسلام ٿهيم جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن پلوڙ ڪهاڻيڪار 15 مارچ 1980ع تي سجاول ضلعي جي شهر جاتيءَ ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو هن ابتدائي تعليم جاتيءَ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان سجاول مان پاس ڪيو اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين هن ننڍي ڄمار ۾ ئي لکڻ شروع ڪيو هن جي پهرين ڪهاڻي "روزاني هلال پاڪستان" جي ٻارڙن واري صفحي ۾ شايع ٿي 2007ع ۾ ٻارڙن جو رسالو "روشن تارا" جاري ڪيائين جنهن جا 17 شمارا مارڪيٽ ۾ آيا. هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ افسانا لکيا. سنڌس ڇپيل ڪتابن ۾ "مينهن آيو ٻوڙي" (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، "وسيٽڙي ۾ جڙيل آس" (ڪهاڻيون) ۽ "گلن سان تعزيت" شامل آهن هن 31 مارچ 2013ع تي هيءُ جهان ڇڏيو.

منير سولنگي

هن نامور ليکڪ جو جنم پهرين جنوري 1932ع تي خيرپور ميرس ضلعي جي ڳوٺ گاگڙيءَ ۾ ٿيو هن کي ننڍي هوندي کان ئي ادب ۽ ادبي سرگرمين سان دلچسپي رهي هو سنڌي ادبي سنگت پير جو ڳوٺ

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڪنزيومرپروٽيڪشن ڪورٽ حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026
مسمات شهناز ڌيءِ محرم ذات سولنگي رهندڙ سحرش نگر ڪچي آباد قاسم آباد حيدرآباد .. پلينٽف ..بخلاف .. احد ولد سڌير رهندڙ سحرش نگر ڪچي آباد نزد پوليس ناڪو قاسم آباد حيدرآباد ..ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 31-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
ڪنزيومرپروٽيڪشن ڪورٽ حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج حيدرآباد
سمري سوٽ نمبر 6612 سال 2025
شهباز احمد ولد صالح محمد ذات پناڻ رهندڙ گهر نمبر 349-A محلا ليبر ڪالوني سائيٽ ايريا لطيف آباد حيدرآباد .. پلينٽف ..بخلاف.. ظهير عباس ولد محمد معروف ذات اعوان رهندڙ گهر نمبر B-135 محلا سڪندر آباد ڪالوني نزد واپڊا ڪالوني ٽنڊو ڄام ضلعو حيدرآباد ..ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين ايونٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف سمري ايگزيڪيوشن جو سوٽ داخل ڪيو آهي زير قلم XXXVII سي پي سي رڪوري -/800000 روپيا لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 02-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم IX حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 539 سال 2026
مسمات سوني خاتون زال نيڪ محمد ڌيءِ قربان علي رهندڙ حرڪيمپ ڪالوني قاسم اباد حيدرآباد.. پلينٽف .. بخلاف .. نيڪ محمد ولد گل بيگ چانڊيو رهندڙ گهر نمبر 299 يونٽ نمبر 07 بلاڪ سي لطيف آباد حيدرآباد....ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 07-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول جج اينڊ جي ايم IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج III ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر 15 سال 2025
مسمات سيما ڌيءِ غلام حيدر ذات بروهي رهندڙ گهر نمبر 17 محلا داتا نگر تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار .. پلينٽف ..بخلاف .. لياقت علي ولد ٻڍو مسلم بالغ ذات ميتلو رهندڙ ميتلو هوٽل نزد ڪٽياڻ اسٽيشن ٽنڊوڄام تعلقو ضلعوحيدرآباد ..ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف زير قلم 9 رول 9 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 01-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/فيملي جج III ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج IV ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر 26 سال 2026
شريمتي ننڊني ڌيءِ Jumoon Phumoon زال ستيش هندو بالغ ذات مهيشوري رهندڙ ابراهيم ڪالوني ٽنڊو الهيار .. پلينٽف .. بخلاف .. ستيش ولد بيجي هندو بالغ ذات مهيشوري رهندڙ ميمڻ ڳوٺ ملير ڪراچي ....ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 02-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج IV ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026
مسمات حسينا ڌيءِ مولا بخش رند رهندڙ ڳوٺ ٽيگورند تعلقو سڪرنڊ.. اپليڪينٽ ..بخلاف.. (1) سڪندر احمد ولد مولابخش رهندڙ ڳوٺ ٽيگورند تعلقو سڪرنڊ (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج....اپوننٽس
نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين اپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) بي بي ناز بانو (2) الهه بخش (3) بي بي ناهيد جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 01-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026
مسمات بشيران ڌيءِ محمد روشن چانڊيو رهندڙ ڳوٺ ميرو چانڊيو تعلقو سڪرنڊ.. پلينٽف ..بخلاف.. گل حسن ولد ارباب چانڊيو رهندڙ ڳوٺ Bajhi چانڊيو تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد ....ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 02-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ڄامشورو
(روبرو جناب مس امبر)
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر سال 2026
مسمات شڪيلان ڌيءِ عبدالغفار رهندڙ پريا وليج نزد ريلوي اسٽيشن ڄامشورو. پلينٽف ..بخلاف.. محمد عرس ولد خميسو خان ذات بوڪ رهندڙ ڳوٺ بچل بوڪ بي ۾ دادو ضلعو دادو ....ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف رڪوري آف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 06-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول / فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر سال 2025
مسمات شهزادي ڌيءِ نبي بخش زال اڪرم رهندڙ ڳوٺ صابر مگنهار تعلقو بلڙي شاهه ڪريم .. پلينٽف ..بخلاف .. اڪرم ولد سليم ذات مگنهار رهندڙ ڳوٺ طيب سومرو تعلقو بلڙي شاهه ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان....ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 31-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول / فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان

لاتعلقي جو اظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته منهنجي ڌيءِ نالي مقدس ولد شاهد حسين شناختي ڪارڊ نمبر 4530313553150 اسان جي نافرمان ٿي وئي آهي جيڪا حيدرآباد ۾ اسان کان الڳ رهندي آهي جنهن ڪري آئون شاهد حسين ۽منهنجي گهر واري مسمات شبانه هن سان مڪمل لاتعلقي جو اظهار ڪريون ٿا. سائس ڪو به شخص يا ادارو ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڪندو يا رشتيداري ڪندو ته ان سان اسان جو ڪو به واسطو نه رهندو اسان جي هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جئين وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.
شاهد حسين ولد عبدالله آرائين ويٺل وارڊ نمبر 10 دستگير ڪالوني مورو تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع

جيئن ته منهنجي پلاٽ نمبر 13 ڪمرشل ايراضي 437 اسڪوائر فوٽ واقع ظفر هائوسنگ اسڪيم جنهن روينيو سروي نمبر 22/2،22/1،614،615،616،613،23،22/3، 412/12،11 ديهه مياڻون ٽپو هٽڙي تعلقو ضلعو حيدرآباد جي اصل سيل ڊيڊ ۽ لاڳاپيل ڪاغذات ڪٿي ڪري گم ٿي ويا آهن ڪافي تلاش باوجود ملي نه سگهيا آهن. ڪنهن کي به هٿ اچن ته هيٺ ڏنل ايڊريس تي ڏياري موڪلين
آصف ڌيءِ غلام حيدر لاکو رهندڙ گهر نمبر A/1 نسيم نگر فيز 1 لڳ جامع مسجد نسيم نگر سامهون ليبر آفيس قاسم آباد حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي ميرذاڪر حسين ٽالپر ولد مير غلام قادر ٽالپر ذات ٽالپر درخواست ڏني آهي ته سندس پيءُ نالي مير غلام قادر ٽالپر ولد مير گل حسن خان ٽالپر تاريخ 23-06-2022 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه 280 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ / سروي نمبر 247،248،249،251،256،257،270،271، 272،273،275،269،246،250 ڪل ايراضي 37-107 ايڪڙ مان حصي موجب ايراضي 30-21 ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي آهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ لانڊي مير گل حسن ٽالپر ديهه نمبر 280 ۾ ڪري اتي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) مير ذاڪر حسين ولد مير غلام قادر ٽالپر (2) شاهده ٽالپر ڌيءِ مير غلام قادر ٽالپر (3) زينت ڌيءِ مير غلام قادر ٽالپر (4) زاهده پروين زال مير غلام قادر ٽالپر هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو
مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي مير غلام اڪبر ولد مير گل حسن ٽالپر ذات ٽالپر درخواست ڏني آهي ته سندس پيءُ نالي مير گل حسن خان ٽالپر ولد مير نور محمد خان ٽالپر تاريخ 18-01-2017 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه 280 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ / سروي نمبر 247،248،249،251،256،257،270،271، 272،273،275،269،246،250 ڪل ايراضي 37-107 ايڪڙ مان حصي موجب ايراضي 17-64 ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي آهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ لانڊي مير گل حسن ٽالپر ديهه نمبر 280 ۾ ڪري اتي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) مير غلام قادر ٽالپر ولد مير گل حسن خان ٽالپر (2) مير غلام اڪبر ٽالپر ولد مير گل حسن خان ٽالپر هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو
مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي مسمات زينب بيواهه امير احمد شاهه رهندڙ ڳوٺ شفيع محمد شاهه يو سي پڳڙا ميمڻ تعلقو بدين درخواست ڏني آهي ته هن جو مڙس نالي امير احمد شاهه ولد محبوب شاهه جيڪو تاريخ 29_1_2026 تي فوت ٿي ويل آهي فوتي تعليم کاتي تعلقي بدين ۾ رٽائرڊ پرائمري ٽيچر سرڪاري ملازم هو جنهن جو وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي امير احمد شاهه ولد محبوب شاهه جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 مسمات زينب زال فوتي جي 2 عبدالڪريم شاهه ولد محبوب شاهه پاءُ فوتي جو تنهنڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿين ڄاڻايل وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو
مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

بقايا 1 — قتل ڪري ڇڏيو

ٿي ويا فائرنگ جي آواز تي پرسان ڪٽڪ جو لاٻارو ڪندڙ هارين لاش جو اطلاع فون ذريعي ٿئون ڳوٺ ٿاڻي تي ڏنو پوليس اطلاع تي جاءِ وارادات تي پهچي مقتول جي ڪيسي جي تلاشي ورتي جنهن مان سڃاڻپ ڪارڊ نڪتو جنهن جي سڃاڻپ بعد سنڌس وارثن کي اطلاع ڏنو ويو مقتول سيد علي اڪبر شاهه جي پٽ سيد آمر شاهه ۽ پيٽوئي مڪڻ شاهه ٻڌايو ته اسان جي ڪنهن سان به دشمني ناهي هتي هارين ٻڌايو ته گولين جي آواز تي پهچي ڏٺوسين ته رت ۾ لت پت لاش پيو هو پرسان موٽر سائيڪل ڪريل پئي هئي هٿن ئي پوليس کي اطلاع ڏنو هو بابا گهران موٽر سائيڪل تي نڪري ويو هو ته سنڌس سان واقعو ٿيو آهي هوڏانهن ٿئون ڳوٺ پوليس ضروري ڪاروائي بعد لاش پوسٽ مارٽم تعلقي ميهڙ اسپتال ۾ ڪرائي سيد علي اڪبر شاهه جو مڙهه سنڌس پٽ حوالي ڪري ڇڏيو جنهن کي ايمبوليئنس ذريعي ميهڙ ڪان بيدي لاشاري پرسان ڳوٺ دولت شاهه بخاري نيو ويو مقتول جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ڀاتين ۾ روڄ راڙو پئجي ويو

بقايا 2 — اسپتال منتقل

جڻي جي حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃي زخمين ۾ جمن پٽ آچار جت علي بخش ۽ ابراهيم پنجابي شامل آهن

بقايا 3 — ڦر ڪري فرار

واپس ڏياري انصاف تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 4 — احتجاجي مظاهرو

ڳالهائيندي چيو ته عمرڪوٽ جهڙي پرامن علائقي ۾ ڌاڙا ۽ چوريون معمول بڻجي ويون آهن، پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته پوليس پنهنجي ذميوارين نڀائڻ ۾ مڪمل ناڪام نظر اچي رهي آهي، هن چيو ته به مهينا گذرڻ باوجود عارف پلي جي گهر تي ٿيل ڌاڙي ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيا آهن، جيڪو پوليس جي ڪارڪردگي تي وڏو سواليا نشان آهي، هن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور جوابدارن کي گرفتار ڪري متاثر خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. محمد يوسف منگريو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪمزوري سبب ڏوهارين جا حوصلا بلند ٿي رهيا آهن، هن چيو ته بودر فارم ٿاڻي تي نامعلوم جوابدارن خلاف ڪيس داخل ٿيڻ باوجود ڪا به اڳڀرائي نه ٿيڻ ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي، هن زور ڀريو ته پوليس فوري ڪارروائي ڪري چوري ڪيل سامان برآمد ڪرائي ۽ ملوث ماڻهن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي، جڏهن ته ٻين اڳواڻن جاويد پلي، علي نواز پلي، علي محمد رونجهو گل بجير ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ٻه مهينا اڳ ڳوٺ حاجي هاشم پلي ۾ هٿياربندن ڌاڙو هڻي گهر ۾ موجود سمورو قيمتي سامان ڪٽي ويا، پر پوليس اڃان تائين ڪا به اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي آهي، هنن چيو ته جوابدار اڄ به آزاد گهمي رهيا آهن ۽ وڌيڪ وارداتن جو خدشو وڌي ويو آهي، جنهن سبب متاثر خاندان سميت علائقي واسي سخت خوف ۽ بيچيني ۾ مبتلا آهن. هنن وڌيڪ چيو ته عمرڪوٽ ۾ وڌندڙ ڏوهن تي پوليس جي خاموشي افسوسناڪ آهي، جيڪڏهن صورتحال تي ضابطو نه آندو ويو ته علائقي جو امن امان سخت متاثر ٿي سگهي ٿو. مظاهرين آخر ۾ چيتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن جلد جوابدارن کي گرفتار ڪري چوري ٿيل سامان برآمد نه ڪيو ته پوءِ سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي، جنهن جي سموري ذميواري انتظاميه تي هوندي.

بقايا 5 — نينگري فوت

سينٽر ٽنڊوجان محمد منتقل ڪيو ويو جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. پوليس ڪارروائي ڪندي ڪار ڊرائيور کي گاڏي سميت پنهنجي حراست ۾ وٺي ڇڏيو.واقعي ڪانپوءِ نينگري جي وارثن ۾ روڄ راڙو پئجي ويو. جڏهن ته رهواسين انتظاميا ڪان روڊ سيفٽي قدمن ٽريفڪ قوانين تي سختي سان عمل ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 6 — خودڪشي

ته پويان منهنجي زال ڪرمان گهر اندر خودڪشي ڪري ڇڏي هن وڌيڪ چيو ته منهنجي زال گهر ۾ خوش هئي خبر نٿي پوي ته هن اهڙو قدم ڇو کنيو هوڏانهن لاش جي ضروري ڪارروائي بعد پوليس لاش وارثن حوالي ڪيو.

بقايا 7 — احتجاج

نگما پٽي ۽ ٻين جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، اسان جي گهر تي حملو ڪري ناري ڪومل کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، گهرڀاتين مٿان تشدد ڪيو ويو آهي، هنن چيو ته ڪجهه مهينا اڳ اسان جي ڇوڪري عمران ڪومل سان پسند جو پرڻو ڪيو هو، جنهن ڪان پوءِ ڇاڇايل ماڻهو اسان جا دشمن بڻجي ويا آهن، هر روز ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، ڇاڇايل ماڻهو پٽ شاهه جا رهواسي آهن، هو چاهن ٿا ته ڪين ڇوڪري واپس ڪريون پر ڇوڪريءَ پنهنجي رازخوشي سان اسان جي ڇوڪري سان پسند جو پرڻو ڪيو آهي، احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي ساڻن انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 8 — واپارين جو احتجاج

پليٽ فارم زبون حالي جو شڪار آهي، ۽ تازو ئي ان جو ڪجهه حصو ڪري پيو پر مزدور معجزاتي طور محفوظ رهيا جڏهن اهو ڪنهن به وقت ڪنهن وڏي سانحي جو سبب بڻجي سگهي ٿو. هن وڌيڪ چيو ته آڪشن پليٽ فارم جي مرمت لاءِ ڪيترائي ڀيرا مارڪيٽ ڪميٽي جي سيڪريٽري کي روبرو ۽ لکت ۾ درخواستون ڏنيون ويون آهن، پر اڃا تائين ڪو به قدم نه کنيو ويو آهي. جڏهن ته ان حوالي سان محتسب اعليٰ جي کلي ڪچهري ۾ پڻ داتهن ڏني وئي، پر پوءِ به مسئلو حل نه ٿي سگهيو آهي. هن چيو ته مارڪيٽ ڪميٽي انتظاميه جي لاپرواهي سبب منڊي جو ڊرينج سسٽم به تباهه ٿي چڪو آهي، جنهن ڪري برسات دوران روڊن تي پاڻي بيهجي وڃي ٿو ۽ واپارين کي شديد مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. هن وڌيڪ ٻڌايو ته نيڪال جو مناسب انتظام نه هئڻ ڪري ڪيترن ڏينهن تائين پاڻي بيٺل رهي ٿو. واپارين پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪجهه ترقياتي ڪم، جن ۾ پڪو روڊ ناهڻ به شامل آهي، مڪمل ڪرايا آهن. آخر ۾ هن سنڌ حڪومت ڪان مطالبو ڪيو ته فوري طور آڪشن پليٽ فارم جي مرمت سميت ٻين ضروري ترقياتي ڪمن کي مڪمل ڪرائي واپاري برادري کي رليف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 9 — وارثن جو مظاهرو

سنڌس ڪيس جي فريادي ڀاءُ وزير پنهور جا قاتل سرعام گهمي رهيا آهن ۽ وارثن کي مسلسل ڪيس تان هٿ ڪڻ لاءِ ڌمڪائي رهيا آهن. جڏهن ته پوليس انتظاميه خاموش تماشائي بڻيل آهي ۽ قاتلن جي ونگار وهي رهي آهي، جنهن ڪري اسان پاڻ کي اڃان به غير محفوظ محسوس ڪري رهيا آهيون. هنن چيو ته ڪجهه عرصو اڳ مختلف ڳوٺن ڪان ٻاڍهه لڏي آيل گاڏهي برادري جا ڪجهه گهر اسان جي پاڙي ۾ اچي ويٺا آهن، جيڪي ڏوهاري سرگرمين ۾ ملوث آهن ۽ شهر جو امن امان تباهه ڪرڻ ۾ پڻ سنڌن وڏو هٿ آهي. هنن چيو ته ٻن سالن دؤران هو اسان سان ظلم ڪندا پيا اچن، اسان جي ٻن نوجوانن کي بيگناهه قتل ڪري چڪا آهن، جنهن ۾ به سال اڳ مقتول نوجوان ذوهيب پنهور جي قتل ڪيس ۾ مير گاڏهي، عامر گاڏهي، احسان گاڏهي ۽ علي گوهر گاڏهي ملوث آهن ۽ تازو قتل ٿيل نوجوان وزير پنهور جي ڪيس ۾ بشير گاڏهي، ثناءالله گاڏهي، طارق گاڏهي ۽ راحيل گاڏهي ملوث آهن، پر پوليس صرف هڪ جويدار مير گاڏهي کي گرفتار ڪيو آهي جڏهن ته ٻيا جوابدار آزاد آهن ۽ اسان کي مسلسل موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، جنهن سبب اسان جو جيئڻ جنجال ٿي چڪو آهي هنن چيف جسٽس آف پاڪستان، چيف جسٽس آف سنڌ، آءِ جي سنڌ پوليس، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو ڪان پرزور مطالبو ڪيو ته ٻنهي قتلن ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي ۽ اسان کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 10 — مظاهرو

آبپاشي جي موسم ۾ پاڻي جي ڇاڙهه سان فصلن سميت وڏي آبادي جي ڳوٺن ياروديرو ۽ جعفرائي کي نقصان پهچندو جڏهن ته ٺيڪيدار جي اهڙي ناحق خلاف اسان آبپاشي کاتي جي لاڳاپيل آفيسرن اڳيان شڪايتون ڪري چڪا آهيون پر مٽي ڪٽڻ وارو عمل رڪجي ناهي سگهيو علائقي واسين مطالبو ڪندي چيتاءُ ڏنو ته شاخ جي ڪپرن تان غيرقانوني مٽي ڪٽڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي

بقايا 11 — احتجاجي ڊرٽو

ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، ڦر واقعي خلاف موبائيل مارڪيٽ ايسوسيئيشن جي سڏ تي موبائيل مارڪيٽ، شاهي بازار، بروهي مارڪيٽ ۽ قومي شاهراهه تي واقعي سمورا دڪان بند ڪري جزوي طور شٽر بند هڙتال ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي ڪير بازار ڪان ڪڍي وئي، ريلي ۾ شريڪ مظاهرين جي هٿن ۾ نعري واري بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيل هئا. ريلي شهر جي مختلف رستن شاهي بازار، صرافا بازار، درزي بازار ڪان ٿيندي پريس ڪلب پهتي جتي احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو جتان اها ريلي قومي شاهراهه ڪان ٿيندي راٺي پور ٿاڻي تي پهتي جتي پڻ احتجاج ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي دستگير يونين موبائيل ايسوسيئيشن جي صدر اسد علي راڄپر جي ايس جميل شيخ، اسد علي وساڻ، سبحان سرڪي، عرفان منگي، اشفاق منگي، عمران پيرزادو، نياز ميمڻ، زمان پناڻ، محبوب ملاح، مدثر پناڻ، يعقوب وساڻ، شاڪر صديقي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته رات جو 10 وڳي پوليس پيڪٽ سامهون تي نامعلوم موٽرسائيڪل سوار هٿياربند وڏي ديدادليريءَ سان عرفان منگي ۽ اشفاق منگي جي دڪان ۾ داخل ٿي هٿيارن جي زور تي ڪين کي يرغمال مال بڻائي 2 ڪان 3 لک روڪ رقم، موبائيل فونن ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا. پر پوليس ڪجهه به نه ڪيو آهي. هنن چيو ته اسان جو احتجاج ڪرڻ جو مقصد اسان ڪاروباري ۽ دڪاندارن کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ آهي. هنن چيو ته اهڙا واقعي روز جو معمول بڻجي ويون آهن، پر پوليس ڪجهه به ڪري نه سگهي آهي. هنن چيو ته اها ڪا شهر ۾ پهرين وارڊات ناهي بلڪي تي ڪافي ساريون اهڙيون وارڊاتون ٿي چڪيون آهن پر پوليس ڪو به ڪردار ادا ڪري سگهي ناهي، هنن وس وارين اعليٰ اختيارين ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين ڪان مطالبو ڪندي چيو ته راٺي پور شهر ۾ وڌندڙ بدامني جو نوٽيس وٺي شهر ۾ ٿيندڙ ڏوهي ڪاروائين تي ڪنٽرول آڻي اسان شهرين، دڪاندار ۽ ڪاروباري ماڻهن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت احتجاجي تحريڪ هلائڻ تي مجبور ٿي ويندا سين. ٻئي پاسي ايس ايڇ او راٺي پور مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ڪين ٿيل ڏوهه جلد واپس ڪرائي ۽ ڏوهارين کي گرفتار ڪرڻ جي يقين ڏياڻيءَ تي ختم ڪرايو ويو.

بقايا 12 — ڏوهاري گرفتار

جڏهن ته ڪاروائي دوران بي سيڪشن پوليس گشت دوران ڪاروائي ڪندي اشتهاري ڏوهاري رضا محمد جعفري کي گرفتار ڪري ورتو جنهن خلاف اڳ ۾ ڪيس داخل هوجڏهن ته ڪهڙا پوليس گشت دوران ڪاروائي ڪندي منشيات سپلائير ٻن جوابدارن طفيل شيخ ۽ يعقوب ڪليري کي گرفتار ڪري ورتو جن جي قبضي مان 1044 گرام چرس برآمد ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو. ايس ايس پي موجب ضلع مان منشيات جو خاتمو ڪري ضلع کي منشيات فري بڻايو ويندو.

بقايا 13 — احتجاج

سنائي جي گهر تي حملو ڪري ڏنو حملو ڪندڙن صحافي قاضي جاويد سنائي کي تشددجونشانو بڻائي ڪيس زخمي ڪري ڇڏيو ۽حملو ڪندڙ جوابدار ڪيس موتمار ڌمڪيون ڏئي فرار ٿي ويا زخمي صحافي قاضي جاويد سنائي سڪرنڊ سول اسپتال مان طبي امداد وٺڻ بعد سڪرنڊ پوليس ٿاڻي تي پهچي شروعاتي رپورٽ داخل ڪرائي سڪرنڊ جي صحافين جي احتجاج تي پوليس حملو ڪندڙ ڪجهه جوابدارن کي گرفتارڪري ورتو آهي حيدرآباد جي سينئرصحافي براڊڪاسٽر سخي غلام حسين خاصخيلي سميت صحافين واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي ايس ايس پي نواب شاهه ۽ ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد ڪان مطالبوڪيو آهي ته صحافي قاضي جاويد سنائي مٿان حملي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪيووڃي ٻي صورت ۾ صحافي سڄي سنڌ ۾ احتجاج شروع ڪندا

بقايا 14 — استقبال ڪيو ويو

موقعي تي پ پ ايم پي اي سردار خان چانڊيو مختصر ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته اعليٰ عدليا هميشه انصاف پريا فيصلا ڏنا آهن عدالت مان ڀرپور ڏينهن ڪان انصاف جي توقع هئي ۽ اسان پُراميد هئاسين ته سچ جي فتح ٿيندي نيٺ ڪوڙ جي ڪهاڻي ختم ٿي ۽ سچ جي فتح ٿي هوڏانهن وڳڻ ٽائون جي پ پ ورڪرن ۽ عهديدار ٽائون چيئرمين خليل خان وڳڻ جي اڳواڻي ۾ قافلي جي صورت ۾ غيبي هائوس قمبر روانا ٿي ويا.

بقايا 15 — 9ڄڻا گرفتار

ٽنڊومحمدخان ضلعي پوليس مختلف هنڌن تي منشيات فروشن خلاف ڪاروائيون ڪندي 1 عورت سميت 9 منشيات فروشن هر هڪ مسمات سپامي - عبدالستار - حبيب هاليپوٽو - سڪندر ڪاروملاح - ساجن ڪولهي - فيض نارو - ديوجي ڪولهي - شريف ڪڇي - اياز پرهياڙ کي گرفتار ڪري سنڌن قبضي مان اڌ ڪلو چرس - 4700 عدد مين پڙيون - 40 ڪتا مين پڙين ۾ استعمال ٿيندڙ چوري سميت هڪ سوزوڪي پڪ اپ کي هٿ ڪري گرفتار منشيات فروشن مٿان ضلعي جي مختلف ٿاڻن تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن - ايس ايس پي ٽنڊومحمدخان حسيب جاويد سومار ميمڻ چيو آهي ته منشيات جي مڪمل خاتمي تائين منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري رهندو-

بقايا 16 — نينگر فوت

بخش جمالي جي پٽ خليق جمالي جي ٻڏائي پئي وڃي جڏهن ته وارثن پاران ڪيس به داخل نه ڪرايو ويو آهي

بقايا 17 — حالت ۾ گرفتار

واقعي جو فوري نوٽيس وٺندي ايس ايڇ او بي سيڪشن کي ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا هئا، جنهن بعد مقتول جي ڀاءُ مصري منگريو جي مدعيت ۾ گناهه نمبر 82/2026 قلم 302، 34 پي پي سي تحت داخل ڪري جاچ شروع ڪئي، ڪالهه هڪ ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي جيئڻ ئي ٿانيچاڻي بند يونٽ نمبر 10 لطيف آباد ۾ جوابدارن جي موجودگي تي ڇاپو هنيو ته ٻن جوابدارن پوليس پارٽي تي فائرنگ شروع ڪري ڏني، پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ هڪ جوابدار ريحان ولد مير حسن گوپانگ جيڪو بلڙي شاهه ڪريم ويجهو ڳوٺ نور محمد خان گوپانگ جو رهواسي آهي کي زخمي حالت ۾ پسٽل سميت گرفتار ڪيو ويو، جڏهن ته قتل جي واردات ۾ ملوث ٻيو جوابدار سعود احمد گوپانگ موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، بعد ۾ زخمي جوابدار کي علاج لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو. ترجمان موجب گرفتار جوابدار اسپتال ۾ ٿيندي ابتدائي بيان ۾ قتل جو اعتراف ڪندي واردات جا تفصيل پڻ ٻڌايا ۽ چيو ته هن پراڻي رنجش تان سعود احمد سان گڏجي اهو قتل ڪيو. پوليس پاران جاري ڪيل جوابدار جي وڊيو بيان ۾ هو چئي رهيو هو ته سعود ڪارخاني تان آندل ڇري سان ثناءالله منگريو جو ڳلو ڪپيو ۽ مون هن کي سرون هڻيون هيون، قتل واردات ڪانپوءِ ڳوٺ پهچي ويا هئاسين، ترجمان موجب وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي.

بقايا 18 — جوابدار گرفتار

علي غلام، رهواسي ڳوٺ خان محمد پرڳڙي، ديهه 351 تعلقو ڪوٽ غلام محمد کي ڪالي موري پرسان ديهه 284 مان گرفتار ڪيو ويو. جوابدار وٽان 12 بور پسٽل ۽ 2 عدد زنده ڪارتوس برآمد ڪيا ويا. پوليس جوابدار خلاف سنڌ آرمز ايڪٽ تحت گناهه نمبر 51/2026 قلم 25 هيٺ ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 19 — احتجاجي مظاهرو

شوڪت علي، نويد علي،حفيظ الله، شڪيل احمد ڪري رهيا هئا هنن احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو آهي ته علائقي جي بااثر جوابدارن لٺين ڪهاڙين پسٽلن سان مسجد جي اندر روضيدارن تي حملو ڪيو لٺيون، ڪهاڙيون لڳڻ سبب هڪ عورت سميت 12 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا واقعي جو ڪيس ڪنب ٿاڻي تي داخل ڪرائڻ پهتاسين ته پوليس ڪو به تدارڪ نه ڪيو آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور کي اپيل ڪئي ته اسان مٿان داخل ٿيل ڪوڙو ڪيس ختم ڪري جوابدارن مٿان ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ تي ايف آءِ آر داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان کي جاني مالي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 20 — احتجاج

هٿنم ڪٽي اتوڪو احتجاج ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته هو گذريل ٽيهه سالن کان لڳاتار احتجاج ڪندو پيو اچي منشيات فروشن پاران ڪيس مختلف ڪوڙن ڪيسن ۾ به ڦاسايو ويو پر هن نوجوان نسل خاطر پنهنجي حياتي جو اڌ حصو احتجاج ڪيو آهي پر ڪو به ٻڌڻ وارو ناهي نوجوان نسل تباهي ڪناري تي آهي بااثر منشيات فروشن کي سياسي پٺ پناهي پڻ حاصل آهي هن دادو جي نئين آيل ايس پي کان مطالبو ڪيو ته راڌڻ مان جوا ۽ منشيات بند ڪرائي نوجوان نسل کي بچايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو

بقايا 21 — احتجاج

هڪ پٽ جي اولاد آهي، مان معذور ڪوٽا تحت نوڪري لاءِ مختلف وقتن تي مختلف سرڪاري کاتن ۾ معذور ڪوٽا جي نوڪري لاءِ درخواستون جمع ڪرايون پر هن وقت تائين مون کي نوڪري نه ملي سگهي 14 جولائي 2022ع ۾ پنهنجي وڪيل مهتاب سومرو معرفت سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ ڪورٽ لاڙڪاڻو ۾ پٽيشن داخل ڪرائي جنهن تي گذريل سال 9 آڪٽوبر 2025ع تي عدالت مون کي معذور ڪوٽا تحت نوڪري ڏيڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو کي حڪم ڏنو جنهن ڪان پوءِ مان ڪافي ڀيرا ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو جي آفيس جا چڪر ڪاٽيا آهن پر هن وقت تائين مون کي معذور ڪوٽا تحت نوڪري نه ملي آهي جنهن ڪري مان سخت پريشاني ۾ مبتلا آهيان. هن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ،ڪمشنر لاڙڪاڻو سميت ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معذور ڪوٽا تحت سرڪاري نوڪري ڏياري روزگار فراهم ڪيو وڃي ته جيئن مان پنهنجي گهر ڀاتين جو پيٽ گذر ڪري سگهان.

بقايا 22 — مزاحمت تي زخمي

يرغمال بڻائي چار لک رپيا ڦر ڪري مزاحمت تي ڪين زخمي ڪري باآساني سان فرار ٿي ويا ٻئي پاسي واقعي خلاف احتجاج ڪندي متاثر واپاري سومر ناتگور ٻڌايو ته چوپايو مال خريد ڪرڻ لاءِ ڪورڪي مال پڙي وڃي رهيا هئاسين ته ٻن هٿياربندن هٿيارن جي زور تي ڦر ڪري مارڪيٽ ڪندي فرار ٿي ويا جڏهن ته محرابپور پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي،

بقايا 23 — 7 ڄڻا زخمي

ٻڌايو پيو وڃي اسان سڀني زخمين کي ڪٽي علاج لاءِ ليٽر ڏئي تعلقي اسپتال ريفر ڪري ڇڏيو آهي وڌيڪ معاملي جي جاچ ڪئي پئي وڃي جڏهن ته پيل برادري جي ٻنهي ڌرين سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر رابطو نه ٿي سگهيو آهي ذريعن ڪان معلوم ٿيو آهي ته ٻن پاڙن ۾ ڪجهه عرصي ڪان زميني تڪرار هلندڙ هيو جنهن تان اڄ هي جهيڙو ٿيو آخري اطلاعن تائين واقعو جو ڪيس داخل ناهي ٿي سگهيو

بقايا 24 — ڇوڪري سڙي زخمي

اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن ڪيس طبي امداد ڏني جنهن جي سڌرندڙ ٻڌائي پئي وڃي. ان موقعي تي سڙي زخمي ٿيل ٻارڙي جي چاچي آصف علي ساريو ٻڌايو ته منهنجي ڀائيٽي مقدس پنهنجي گهر ساگرد ڪالوني وڃي رهي هئي ته گجڻ پور چوڪ واري علائقي ۾ بجليءَ جي 11 هزار تار ۾ وچڙي سڙي زخمي ٿي پئي جنهن کي اسپتال داخل ڪرايو جتي ڊاڪٽرن سنڌس حالت بهتر ٻڌائيندي ڪيس طبي امداد ڏني آهي

بقايا 25 — ايڌي حوالي

تحويل ۾ وٺي ايڌي انتظاميه حوالي ڪري ڇڏيو هٿ آيل لاش لاڙڪاڻي جي رهواسي 36 ورهين جي نوجوان فرحان علي ٿنيو جو آهي سنڌس کيسن مان هٿ آيل سڃاڻپ ڪارڊ ۽ ڊرائيونگ لائيسنس مان سڃاڻپ ڪئي وئي آهي ايڌي رضاڪار لاش ضروري ڪاروائي بعد ايڌي هوم خاني اماڻيو ويندو پوليس موجب ڪينجهر جي سونهري پوائنٽ وٽان هٿ آيل لاش 3 کان 4 ڏينهن پراڻو آهي پر سنڌس وارث اڃا تائين ظاهر نه ٿيا آهن

بقايا 26 — مزاحمت تي زخمي

سونا زيور ۽ موبائيل فونون ڦر ڪيون، مزاحمت تي گولي لڳڻ سبب ڪوچ جو ڪلينر غلام مرتضيٰ پيو مرٽينگ ٿي پيو. جنهن کي ڳنڀير جوڳي حالت سيوهڻ اسپتال منتقل ڪري طبي امداد ڏيان بعد وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف سيوهڻ پوليس اطلاع ملڻ باوجود مسافرن جي مدد لاءِ بروقت نه پهتي، ٻڌايو وڃي ٿو ته مسافر ڪوچ لاڙڪاڻي ڪان ڪراچي وڃي رهي هئي ته 8 کان 10هٿياربند ڦورن ڪوچ کي هٿيارن جي زور تي روڪي مسافرن کان لکين روپيا روڪ رقم ۽ زيور ۽ موبائيل فونون ڦر ڪري مزاحمت تي ڪوچ ڪلينر کي زخمي ڪري ڪچي طرف فرار ٿي ويا. ان حوالي سان متاثر ڪوچ جي ميهڙ واسي ڊرائيور عمران مهيسر ٻڌايو آهي ته هٿياربندن ڪوچ کان اڳ ۾ هن ڪار ڪان پڻ ڦر ڪئي پئي جڏهن اسان جي ڪوچ اتي پهتي ته ڦورن ڪوچ تي فائرنگ ڪئي جڏهن پوليس واقعي واري هنڌ سامهون روڊ تي بيٺي هئي پر اسان جي حفاظت لاءِ ويجهو نه آئي جنهن ڪري هٿياربند آسانيءَ سان ڦر ڪري فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. هوڏانهن ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو ۽ ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا معاملي جو نوٽيس وٺندي واقعي واري هنڌ پهچي ويا ۽ مسافرن کي انصاف جي خاطري ڪرائي اڳتي روانو ڪيو. جڏهن ته آهي به اطلاع آهن ته پوليس ايس ايس پي ڄامشورو جي اڳواڻي ۾ مختلف هنڌ تي ڪاروائي ڪندي 3 شڪي ماڻهن کي پڻ حراست ۾ وٺي ڪاڻن پڇا ڳاڇا ڪري رهي آهي. ان حوالي سان ايس ايس پي ڄامشورو جو چوڻ آهي ته ڏوهي واردات ۾ ملوث جوابدار خلاف گرينڊ آپريشن ڪري ڪين گرفتار ڪري متاثر مسافرن سان انصاف فراهم ڪيو ويندو. ياد رهي ته سيوهڻ لڳ ٽنڊو شهبازي پل وٽ انڊس هاءِ وي روڊ تي ڦرجا واقعا روز جو معمول بڻيل آهن جنهن ڪري انڊس هاءِ تي سفر ڪندڙ مسافر توڙي مقامي ماڻهو پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيا آهن پر پوليس پاران اتي ڪاٻه چوڪي قائم نه ڪئي وئي آهي جنهن تي عوام ۾ ڪاوڙ سان گڏ خوف جي لهر پڻ ڇانيل آهي.

بقايا 27 — پٽي ڪاٽي ڇڏيو

حصن کي ڪتن ڪاٽي ڇڏيو. گذريل ڏينهن ٽينگر ناتجي عرف ٽيٽو ولد رام چند اوچتو گم ٿي ويو. جنهن بعد وارث سڄي رات ۽ ڏينهن ڪيس ڳوليندا رهيا، پر ڪو به سراغ نه ملي سگهيو. صبح جو سنڌس ڪتن ڪاٽل لاش هٿ آيو. لاش کي فوري طور بلاول ميڊيڪل اسپتال منتقل ڪيو ويو. جتي ضروري ڪاروائي مڪمل ڪرڻ بعد معصوم ٻارڙي جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. واقعي بابت پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، ٻئي طرف علائقي ۾ اهي پڻ چوپول آهن ته ٽينگر کي اغوا ڪري قتل ڪيو ويو آهي، جنهن بعد وحشي جوابدار لاش اڇلائي فرار ٿي ويا. علائقي جي رولو ڪتن لاش جو ماس پٽي ڇڏيو آهي، شهرين اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس وٺي عملي قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي ته جيئن وڌيڪ ڪنهن به گهر جو چلهو نه وسامي ۽ ڪنهن به ماءُ جي جهولي خالي نه ٿئي.

بقايا 28 — مظاهرو

ڪوڪرا پار هلندڙ ماروي ايڪسپريس کي بند ڪيو ويو آهي جيڪا هتان جي غريب عوام سان سراسر زيادتي آهي اسان سمجهون ٿا ٽرينون بند ڪرڻ سان خانگي ٽرانسپورٽ مافيا کي فائدو ملندو ۽ غريب عوام تي ڪراين جي مد ۾ وڏو وزن پيو آهي اسان هتان جي چونڊيل نمائندن سميت وزيراعظم پاڪستان ۽ وفاقي وزير ريلوي کان پر زور مطالبو ٿا ڪريون ته فوري طور بند ڪيل ٽرينون ٻيهر بحال ڪري هتان جي غريب عوام کي سستي سفري سهولتون فراهم ڪيون وڃن

بقايا 29 — انصاف جو مطالبو

ون فائيو انچارج فقير محمد برهاڻي اسان خلاف رڻ ٻاري ڏنو آهي اسان گهر ڇڏي اچي ٻين شهرن ۾ آباد ٿيا آهيون منهنجي اولاد جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي۽ مان گذريل ٻن سالن کان دربدر آهيان ان موقعي تي هنن وڌيڪ چيو ته تازو ڪنهن معاملي تان ون فائيو انچارج فقير محمد برهاڻي سان بگهيا برادري جو جهيڙو ٿيو هو جنهن دوران اسان ٻئي پٽ حيدر آباد هياسين ان باوجود به پوليس ايف آءِ آر ۾ اسان جا نالا شامل ڪري ڇڏيا آهن اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 30 — جوابدار فرار

ايچ او سڪندر علي چانڊيو پنهنجي ٽيم سان گڏجي ڳوٺ آچر خان بروهي پرسان لاوارث حالت ۾ بيٺل لينڊ ڪروزر نمبر: ڪيو بي اي: 2159 مان 110 ڪلو چرس هٿ ڪرڻ جي دعوي ڪئي وئي آهي. ان سلسلي ۾ پوليس جاري ڪيل بيان ۾ ڄاڻايو آهي ته آباد ٿاڻي جي حد ڳوٺ آچر خان بروهي پرسان گشت دوران پوليس کي ڏسندي ئي لينڊڪروزر گاڏي ۾ سوار به اڻڄاتل جوابدار گاڏي کي ڇڏي فرار ٿي ويا جنهن بعد پوليس گاڏي پرسان پهچي تلاشي ورتي ته گاڏي اندر 110 ڪلو چرس هٿ ڪيو ويو. پوليس گاڏي کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ٿاڻي تي بيهاري ڇڏيو ۽ اهڙو ڪيس پڻ درج ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 31 — جوابدار گرفتار

آفيسرن جي تعارفي اجلاس دوران ڏنو هن پوليس آفيسرن کي واضح ڪيو ته ضلعي مان منشيات جو مڪمل خاتمو چاهين ٿا، جڏهن ته امن دشمن عنصرن کي جيل کان ٻاهر نه ڇڏيو ويندو ۽ منشيات جي اڏن جو خاتمو ڪيو وڃي. ايس ايس پي جي حڪم تي عمل ڪندي پوليس ممتاز ڪاليج ويجهو ڪارروائي ڪري جوابدار محرم علي رند کي گرفتار ڪيو ۽ ان جي قبضي مان 540 گرام چرس هٿ ڪري منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو جڏهن ته ٻي ڪاروائي ڪچي جي محمود چنا واري علائقي ۾ ڪئي وئي، جتي جوابدار عبدالقادر چنا کي گرفتار ڪري ان جي قبضي مان بغير لائسنس پستول ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون. محمود چنا پوليس جوابدار خلاف غير قانوني هٿيار رکڻ جو ڪيس داخل ڪيو آهي.

بقايا 32 — احتجاجي مظاهرو

مهينا اڳ گهاڙي واهه جو مرمتي ڪم شروع ٿيو هو جيڪو ڪجهه وقت ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي غائب ٿي ويو آهي، گهاڙي واهه کي مختلف هنڌن ڳنڍا ڏيڻ سبب ٻارهن مهينن کان پاڻي بند ٿي ويو آهي، ڳوٺاڻن اعليٰ اختيارن کان مطالبو ڪيو ته گهاڙي واهه پاڻي جي فراهمي بحال ڪري سنڌن پريشاني ختم ڪئي وڃي

بقايا 33 — احتجاج

موقعي تي هنن احتجاج کي خطاب ڪندي چيو ته اسان ايس ٽي آر تحت ڀرتي ٿيل خيرپور جي 1400 پي ايس ٽي استادن کي گذريل ٽن مهينن کان پگهارون نه ڏنيون ويون آهن جنهن سبب فاڪاڪشي واري زندگي گذاري رهيا آهيون هنن چيو ته گذريل ٽن مهينن کان پگهارون نه ملڻ سبب گذر سفر ڏکيو ٿي ويو آهي تعليم کاتي جو اختياريون صرف ڪوڙا دلاسا ڏئي رهيون آهن هنن چيو ته ڪيترائي ڀيرا ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سميت اعليٰ اختيارين کي لکت ۾ درخواستون به پڻ ڏنيون آهن پر باوجود به اسان جو ڪو تدارڪ نه ٿو ڪري هنن تعليم کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه سميت ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي جلد پگهارون جاري ڪيون وڃن

TRANSFORMING HEALTHCARE IN PAKISTAN AND BEYOND

EXPRESSION OF INTEREST

THIRD PARTY VALIDATION CONSULTANCY SERVICES FOR THE CONSTRUCTION OF JINNAH MEDICAL COMPLEX & RESEARCH CENTRE, H-11/2, ISLAMABAD

The Project Coordination Unit of the Jinnah Medical Complex and Research Center, Islamabad, Ministry of National Health Services, Regulations & Coordination, invites Expressions of Interest from reputable international and national consultancy firms for providing Third-Party Validation Consultancy Services for the Jinnah Medical Complex and Research Center, Islamabad, a quaternary care hospital and academic facility under development.

Expression of Interest must be submitted electronically through the EPADS Portal: **https://vendors.epads.gov.pk/login** by **1500 hrs** on or before **Monday, 4th May 2026,** Pakistan Standard Time (GMT +5). The bids will be opened at **1530 hrs** on the same day in the presence of the Bidder's representative at the address mentioned below. An **online pre-submission conference** is scheduled on **Thursday 9th of April 2026 at 1600 hrs.** The link is provided in the RFP, which can be downloaded from the Ministry of National Health Services, Regulations & Coordination website: **https://www.nhsrc.gov.pk/** or PPRA website:

https://ppra.gov.pk/

For any queries, please email at the address provided below.

Dr. Jasim Anwar - Project Director PCU - JMC&RC
Email: pd.jmcrc@nhsrc.gov.pk

URAAN PAKISTAN
M/o National Health Services, Regulations and Coordination,
3rd Floor, Kohsar Complex, Pak Secretariat, Islamabad

PID (I) 7904/25

پاکستان نیوی

سالانہ معاہدہ برائے پی این یونٹس کراچی، کوسٹل، کریک، لاہور اور اسلام آباد

اوپن ٹینڈر نوٹس

ا۔ تمام جی ایس ٹی/انکم ٹیکس رجسٹرڈ فرمز/سپلائرز کو پاکستان نیوی کے مختلف یونٹس میں مندرجہ ذیل اشیاء کی فراہمی کے لئے مدعو کیا جارہا ہے۔ پیشکش برائے اشیاء تیار چکن اور تیار مٹن اور بیف (لاہور اور اسلام آباد) کے لئے پیشکش پی پی آر اے کے قانون 2004 کے پیرا 36(ب) کے تحت "واحد مرحلہ جاتی۔ دولفافہ جاتی طریقہ کار" کے مطابق کی جائے۔ اشیاء کی فراہمی کے انتظامات فرمز/سپلائرز کو خود کرنا ہوں گے۔ تمام شرکت کرنے والی فرمز/سپلائرز سے درخواست ہے کہ وہ بیعانے کی رقم (پے آرڈر) ٹیکنیکل کوٹیشنز کے ساتھ منسلک کریں۔ جو بنام COMDEP Welfare and Improvement fund A/C No 01700103296198 (Meezan Bank) ہو۔ اور بغیر پے آرڈر آفرز قبول نہیں کی جائیں گی۔

	تفصیل	مقدار بمعہ اکاؤنٹنگ یونٹ	ٹینڈر کے اجراء کی تاریخ	ٹینڈر وصول ہونے کی تاریخ اور وقت	ٹینڈر رکھولے جانے کی تاریخ
1.	دال مسور (کراچی کیلئے)	330,000 کلوگرام	31-03-2026	16-04-2026 1100 AM	16-04-2026 1130 AM
2.	تازہ سبزی، تازہ پھل اور انڈا (کوسٹل کیلئے)	As per IT Documents			
3.	تازہ سبزی، تازہ پھل اور انڈا (کریک کیلئے)	As per IT Documents			
4.	تازہ سبزی اور تازہ پھل (لاہور کیلئے)	As per IT Documents			
5.	تیار مٹن اور تیار بیف (لاہور کیلئے)	15,000 کلوگرام 14,000 کلوگرام			
6.	تیار مٹن اور تیار بیف (اسلام آباد کیلئے)	79,000 کلوگرام 39,000 کلوگرام			
7.	تیار چکن (اسلام آباد کیلئے)	45,000 کلوگرام			

۲۔ ٹینڈر طلبی کے فارمز دفتر کمانڈر ڈپو گروپ (COMDEP) سے دفتری اوقات میں حاصل کی جائیں۔ ٹینڈر کی تفصیل پی پی آر اے کی ویب سائٹ www.ppra.org.pk پر موجود ہے۔ ٹینڈرز مذکورہ بالا تاریخ کی صبح 11:00 بجے جمع ہونا بند ہو جائیں گے۔ جو کہ اُسی روز صبح 11:30 بجے دفتر کمانڈر ڈپو گروپ (COMDEP) میں کھولے جائیں گے۔ دلچسپی رکھنے والی فرمز/سپلائرز، جو مذکورہ اشیاء کا پہلے سے تجربہ رکھتے ہیں وہ درخواست جمع کروا سکتے ہیں۔ مزید معلومات کے لئے درج ذیل پتہ/فون پر رابطہ کر سکتے ہیں۔

دفتر کمانڈر ڈپو گروپ (COMDEP)
نیول اسٹورز سب ڈپو،
ویسٹ وہارف روڈ کراچی۔
فون نمبر 021-48508245

PID (K)3089/25

ٽنڊو ڳوٺ پرسان نامعلوم هٿياربندن همراهه کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو

هٿيارٻندن ڳوٺ دولت شاهه بخاري واسي سيد علي اڪبر شاهه کي گولين هڻي فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪلاڻي اسپتال منتقل ڪيو، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي

بابا گهران موٽر سائيڪل تي نڪري ويو هو ته هي واقعو ٿيو آهي، اسان جي ڪنهن دشمني ناهي: پٽ

راڌڻ/ٽنڊو ڳوٺ (رپورٽ محمد رفيق سرگاڻي) ٽنڊو ڳوٺ پرسان ڳوٺ دولت شاهه بخاري جي رهواسي سيد علي اڪبر شاهه کي نامعلوم موٽرسائيڪل تي سوار ٻن هٿيار بندن گولين هڻي ان کي قتل ڪري فرار

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: نامعلوم هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ قتل ٿيل جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

بلڙي شاهه ڪريم لڳ موٽرسائيڪل ۽ آئل ٽينڪر ۾ ٽڪر، 3 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

بلڙي شاهه ڪريم (ت ر) بلڙي شاهه ڪريم شهر ۾ موٽر سائيڪل ۽ آئل ٽينڪر ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٽي ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا زخمين کي شهرين رورل هيلٿ سينٽر بلڙي شاهه ڪريم منتقل ڪيو آهي جتي طبي امداد ڏيڻ بعد حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي هڪ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي: ڪار جي ٽڪر لڳڻ سبب فوت ٿي ويل نينگري

مورو پرسان هٿياربند ڊرائيور جا هٿ پير ٻڌي ڪار ڦري ڪري فرار

حيدرآباد کان آيل مسافرن ٻاران سائين کي گهرائي محمد پناهه جا هٿ پير ٻڌي ڇڏيا

ڊرائيور کي ڪصل ۾ اڇلائي ڪار، موبائل ۽ روڪ رقم ڦري فرار، ڊرائيور جون دانهون

مورو (ن ع) مورو ٿاڻي جي حد قومي شاهراهه تي نامعلوم هٿياربند ڪرائي تي مسافر ڪٺي اينڊڙ ڪار ڊرائيور محمد پناهه ڪوسو جا هٿ پير ٻڌي ڪار کي ڦري ڪري فرار ٿي ويا جيڪو مورو پريس ڪلب پهتو جتي هن ٻڌايو ته مان حيدرآباد مان سواري ڪٺي آيو هئس جن بيٺ ساٿين کي گهرائي هٿيارن جي زور تي موکي ٻڌي ڪصل ۾ اڇلائي ڪار موبائل فون روڪ رقم ڦري ڪري ويا آهن هن چيو ته مان مسڪين پورهيت آهيان اولاد جو سهارو رزق جو اهو ئي ذريعو هو جيڪو کسي ويا آهن جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪار موبائل فون روڪ رقم

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي پرسان ڪار جي ٽڪر ۾ 10 سالن جي نينگري فوت، گهر ۾ ڪهرام

پنجويهه هزار موري وٽ روڊ پار ڪندي تيز رفتار ڪار نينگري دهنو کي ٽڪر هنيو

حادثي جي نتيجي ۾ نينگري ٿلڏي فوت، اطلاع پوليس پهچي لاش ڪلاڻي اسپتال منتقل ڪيو

ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن جي حوالي، پوليس ڪارروائي ڪري ڪار ڊرائيور گرفتار ڪري ورتو

ڏگهڙي (ن ع) روڊ پار ڪندي تيز رفتار ڪار جي ٽڪر لڳڻ سبب ڪولهي برادري سان واسطو رکندڙ نياڻي دهنو نتيجي ۾ موقعي تي ئي فوت ٿي وئي. حادثي ڪانپوءِ نينگري جو لاش فوري طور رورل هيلٿ

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو غلام علي: خودڪشي ڪندڙ ناري جو لاش پيل آهي

ٽنڊو غلام علي پرسان پرڻيل ناري ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

اسد نظاماڻي جي ڌيءُ ۽ ويڌل ڪرمان ڪولهي ڦاهو کائي زندگي جو انت آندو

منهنجي ڏال گهر ۾ خوش هئي خبر نٿي پوي ته هن اهڙو قدم ڇو کنيو: مڙس

ٽنڊو غلام علي (ن ع) ٽنڊو غلام علي پرسان شادي شده هندو ناري گهر اندر ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي خبر موجب ٽنڊو غلام علي پرسان اسد نظاماڻي جي ٻني ۾ ويڌل شادي شده هندو نوجوان ناري ڪرمان ڏال ورشنو ڪولهي گهر اندر ڇت جي لڳل بانس ۾ اڳٽ ٻڌي ڳچي ۾ رجهي ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي ڪٺائي ٽنڊو غلام علي اسپتال آندي جتان ڪان لاش کي تعلقا اسپتال روانو ڪرڻ وقت فوتي جي مڙس صحافين کي ٻڌايو ته اڄ صبح جو ٻني تي مزدوري لاءِ ويل هئس

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۾ گهر تي مبينا حملو، پرڻيل ناري کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش، متاثرن جو احتجاج

ڄامشوري جي ڳوٺ عبدالله چاڙڙو واسي ممتاز بيگم عمران ۽ ڪومل ڄامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته ٻائرن جمعو مگهڻان

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

راڻي پور: قومي شاهراهه تي قائم ڪميونيڪيشن جي دڪان تان لکين ربين جي ڦر واقعي خلاف هنيل احتجاجي ڌرڻي جو ڏيک

راڻي پور ۾ موبائيل دڪان تان لکين رپين جي ڦر، ڪاروبار بند، واپارين جو احتجاجي ڌرڻو

واقعي خلاف موبائيل مارڪيٽ، شاهي بازار، بروهي مارڪيٽ جزوي طور شٽر بند هڙتال ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

اها پهرين واردات ناهي بلڪ ڪافي سارين اهڙين وارداتن تي چڪين آهن پر پوليس ڪر به ڪردار ادا ڪري سگهي ناهي: مظاهرين

شهر ۾ ٿيندڙ ڏوهي ڪاروائين تي ڪنٽرول آڻي اسان شهرين، دڪاندار ۽ ڪاروباري ماڻهن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

راڻي پور (رپورٽ عبدالخالق گلال) راڻي پور قومي شاهراهه تي قائم ڪميونيڪيشن جي دڪان تان لکين ربين جي ڦر احتجاجن راڻي پور جي موبائيل مارڪيٽ مڪمل طور تي بند، ڪير بازار کان ٿاڻي تائين ريلي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس ڪارروايون، منشيات هٿ، 3 ڏوهاري گرفتار

خيرپور (ڊ ر) ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مڪسي جي حڪمن تي عمل ڪندي خيرپور پوليس ڪامياب ڪاروايون ڪيون هي ڪاروايون ٿاڻي بي سيڪشن ۽ کهڙا جي حد ۾ ڪيون ويون

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي تي حملو، قلم ڌڻين جو احتجاج

چور قاضي جاويد سنائي جي گهر ۾ داخل ٿي چوري جي ڪوشش ڪئي، مزاحمت تي فرار

ڪجهه دير بعد چورن وري ڪجهه ماڻهن جي مدد سان گهر تي حملو ڪري ڏنو تشدد ۾ صحافي زخمي

احتجاج بعد ڪجهه جوابدارن کي پوليس گرفتار ڪري ورتو حيدرآباد صحافين پاران واقعي جي مذمت

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سڪرنڊ جو سينئر صحافي عبرت اخبار ۽ عبرت ڊيجيٽل ميڊيا نيوز جو رپورٽر سينئر صحافي قاضي جاويد سنائي مٿان حملو زخمي صحافي طرفان جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو سڪرنڊ پوليس شروعاتي رپورٽ داخل ڪندي حملو ڪندڙ جوابدارن مان ڪجهه جوابدار گرفتار ڪري ورتا آهن سڪرنڊ جي سينئرصحافي قاضي جاويدسنائي جي سڪرنڊ ۾ سندس گهر ۾ ڏينهن جي وقت چورن داخل چوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي صحافي قاضي جاويد سنائي چورن سان مزاحمت ڪئي ته چورفرار ٿي ويا ڪجهه دير بعد چورن پنهنجي علائقي جي ڪجهه ماڻهن کي گڏ وٺي صحافي قاضي جاويد

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو: تيز رفتار ڪار جي ٽڪر ۾ فوت ٿيل نينگر جو لاش

ٽنڊومحمدخان پوليس جون ڪارروايون، منشيات ۽ پڪ اپ هٿ، 9 ڄڻا گرفتار

ٽنڊومحمدخان (ڊ ر) ٽنڊومحمدخان پوليس جون مختلف هنڌن تي ڪاروايون 1 عورت سميت 9 منشيات فروش گرفتار وڏي مقدار ۾ منشيات ۽ هڪ عدد سوزوڪي پڪ اپ هٿ ڪرڻ جي دعوا خبر موجب

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

وڳڻ ۾ عدالتي فيصلي ڪانپوءِ چانڊيا نواب پائرن جو شاندار استقبال ڪيو ويو

پ پ اير پي اي نواب سردار خان چانڊيو ۽ برهان چانڊيو باعزت بري ٿيڻ بعد آجيان

دهل شرنائن تي ريلي ڪڍي شهر جو گشت ڪري مڪ چوڪ تي پهچي مٺائي ورهائي وئي

وڳڻ (ن ع) سيهڙ واري ڪيٽي قتل ڪيس واري عدالتي فيصلي ڪانپوءِ پ پ اير پي اي پائر نواب سردار خان چانڊيو ۽ برهان چانڊيو جي باعزت بري ٿيڻ واري فتويٰ بعد وڳڻ شهر ۾ سندن حمايتن ۽ پ پ ورڪرن اياز حسين چانڊيو معشوق علي چانڊيو واپاري اتحاد صدر اعجاز وڳڻ لياقت سومرو جهانگير عباسي ضمير چانڊيو جي اڳواڻي ۾ خوشي ۾ دهل شرنائن تي ريلي ڪڍي شهر جو گشت ڪري مڪ چوڪ تي پهچي مٺائي ورهائي تعريبازي ڪئي وئي جڏهن ته پ پ اير پي اي پائر جو قافلو دادو کان وڳڻ شهر پهتو ته حمايتن ۽ شهرين ٻاءِ پاس روڊ تي وڏي انگ ۾ گڏ ٿي شاندار استقبال ڪري گلن جي ورکا ڪئي ان

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ پورهيت جو ڳلو ڪپي قتل ڪندڙ هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

ڳجهي اطلاع تي پوليس ڪارروائي ڪري لطيف آباد ۾ جوابدارن جي موجودگي تي ڇاپو هنيو

جوابدار پوليس کي ڏسندي ئي فائرنگ ڪري ڏني، جوابي فائرنگ ۾ ريحان گوپانگ زخمي حالت ۾ گرفتار

ٻيو جوابدار موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب، زخمي جوابدار ڏوهه جو اعتراف ڪري ورتو، اسپتال منتقل

حيدرآباد (ڪرائيم رپورٽر) لطيف آباد يونٽ نمبر 5 ۾ هڪ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي هوٽل تي ڪم ڪندڙ پورهيت ثناءُ الله ولد چنيسر منگريو جو ذبح ٿيل لاش مليو هو ايس ايس پي حيدرآباد شاهزيب چاچڙ

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪوٽ غلام محمد لڳ پوليس ڪارروائي، هٿيار هٿ، جوابدار گرفتار

ڪوٽ غلام محمد (ت ر) ڏهون ميل پوليس چيڪ پوسٽ جي انچارج رسول بخش ڪالرو پوليس نفري سان گڏ ڪارروائي ڪندي هڪ جوابدار کي هٿيار سميت گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب، ڪارروائي دوران عبدالله عرف شاهه رخ ولد

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

محرابپور: مبينا ڦر واقعي خلاف واپاري احتجاجي مظاهرو ڪندي

محرابپور لڳ واپاري ۽ سندس پٽ کان مبينا ڦر، مزاحمت تي زخمي

هٿيارٻندن سومرو ۽ سندس پٽ ارشاد نانگور کي پيروسڻ روڊ تي يرغمال بڻايو

چار لک رپيا ڦر ڪري جي ڪوشش، مزاحمت تي زخمي ڪري آسانيءَ سان فرار

محرابپور (ت-ر) محرابپور ٿاڻي جي حد ۾ مالوند واپاري ۽ سندس پٽ کان مبينه ڦر مزاحمت تي زخمي ان ڏس ڏس ۾ محرابپور پرسان ڳوٺ قائم علي شاهه واسي چوپائي مال جو واپاري سومر خان نانگور ۽ سندس پٽ ارشاد نانگور کي محرابپور پيروسڻ روڊ تي موٽر سائيڪل سوار ٻن هٿياربندن

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ ڳوٺ غريبو بگٽي جي رهواسين جو علائقي جي بااثر خلاف احتجاجي مظاهرو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور لڳ ڪنب ٿاڻي جي حد ڳوٺ غريبو بگٽي جي رهواسين علائقي جي بااثر ماڻهن خلاف پريس ڪلب خيرپور اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن جي اڳواڻي خالد بگٽي، خليل بگٽي، علي محمد، عبدالرحمان، محمد امين ،سلطان

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ ريلوي جو سرڪاري لوهه چوري ڪندڙ گروهه جا ٻه جوابدار گرفتار

پوليس ڪريڪ ڊائون ڪندي جوابدارن رئيس گل ۽ صدام حسين ولد سلطان کي سوگهو ڪيو

سندن نشاندهي تي قبرستان مان وڏي مقدار ۾ چوري ڪيل لوهه هٿ ڪيو ويو ڪيس داخل

ڪوٽڙي (ن ع) ريلوي ڪوٽڙي پوليس ڪريڪ ڊائون ڪندي ريلوي جو سرڪاري لوهه چوري ڪندڙ گروهه خلاف وڏي پيماني تي وٺ پڪڙ شروع ڪري ڏني آهي ان سلسلي ۾ پوليس ريلوي ٽريڪ ۽ اوور هيڊ برج وڱان سگنل مٽيريل ۽ ريلوي جا ٽريڪ بلاڪ چوري ڪندڙ ٻن جوابدارن رئيس گل ۽ صدام حسين ولد سلطان کي گرفتار ڪري سندن نشاندهي تي قبرستان مان وڏي مقدار ۾ چوري ڪيل سرڪاري لوهه برآمد ڪري ورتو جوبدارن خلاف اهڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

راڌڻ ۾ پرياسي منشيات ۽ جوا جي اڏن خلاف سماجي اڳواڻ جو احتجاج

راڌڻ (ن ع) راڌڻ ۽ پس گردائي ۾ منشيات جوا جي اڏن خلاف شهرين جو سماجي اڳواڻ ڪامريڊ انور ملاح جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو آن موقعي تي ڪامريڊ انور ملاح زنجيرن سان جسم جڪڙي لالٽين ۽ بيلچو

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ معذور نوجوان جو ڪوٽا تحت نوڪري نه ملڻ خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ وڏو لاشاري جي رهواسي معذور نوجوان معذور ڪوٽا تحت نوڪري نه ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي محمد لاشاري ڏانهيندي چيو ته مون کي ٻن نياڻين ۽

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

خيرپور ناٿن شاهه: پيءُ ۽ پٽ پاران جو پوليس خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

مورو: بهه سان ڀريل ڪلٽي ٿيل ٽرڪ جو ڏيک

مورو لڳ تيز رفتار وين جي ٽڪر ۾ پيرسن فوت

گجهڙو روڊ تي تيز رفتار وين جي ٽڪر ۾ علي حسن رستماڻي زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو نازڪ حالت ۾ نوابشاهه نيندي رستي ۾ دم ڏنو

مورو (ن ع) مورو جي گجهڙو روڊ تي هڪ تيز رفتار وين جو هڪ پيرسن کي ٽڪر هڻي ڪيو جنهن ڪري علي حسن رستماڻي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي فوري طور مورو تعلقه اسپتال نيو جتي سندس حالت نازڪ هئڻ سبب نواب شاهه موڪليو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي رستي ۾ فوت ٿي ويو جنهن جو لاش گهر پهتو ته ڪهرام مچي ويو هرطرف روڄ راڙو پئجي ويو پوليس ڪيس داخل ڪري ورتو آهي وارثن موجب وين ڊرائيور کي سڃاتو ويو آهي جنهن جي ڳولا جاري آهي

عمرڪوٽ ۾ ڌاڙي جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪري پوليس خلاف نعريبازي ڪئي

عمرڪوٽ جهڙي پرامن علائقي ۾ ڌاڙا ۽ چوريون معمول بڻجي ويون آهن: لال مالهي

ٻه مهينا گذرڻ باوجود عارف ٻلي جي گهر تي لڳل ڌاڙي ۾ ملوث جوابدار گرفتار ناهن ٿيا

عمرڪوٽ (ڊ ر) عمرڪوٽ ويجهو ڳوٺ حاجي هاشم ٻلي ۾ ٻه مهينا اڳ رٽائرڊ پرائمري استاد عارف ٻلي جي گهران لڳل ڌاڙي جي واقعي جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ ۽ مال برآمد نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب عمرڪوٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي مظاهرين پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي. مظاهري جي اڳواڻي اڳواڻي پي ٽي آءِ ايم اين اي لال مالهي ڊسٽرڪٽ بار جي جنرل سيڪريٽري محمد يوسف منگريو جڏهن ته جاويد ٻلي علي نواز ٻلي علي محمد رونجهو گل بجير ۽ ٻين ڪئي لال مالهي صحافين سان

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: ايس يو پي پاران ٻين مسئلن جي حل لاءِ ڀاڻ سعيد آباد کان سيوهڻ تائين ڪيل پيادل مارچ جو ڏيک

ٽنڊوآدم سبزي فروٽ منڊي بنيادي سهولتن کان محروم، واپارين جو احتجاج

مارڪيٽ ڪميٽي کي روزانو هزارين رپيا آمدني باوجود منڊي ۾ ڪا ٻه بهتري نظر نٿي اچي

اڪشن پليٽ فارم زبون حالي آهي، ڪجهه حصو ڪري پيو ۽ مزدور معجزاتي طور محفوظ رهيا: اڪبر چغتائي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي سبزي فروٽ منڊي ڪيترن ئي بنيادي مسئلن جو شڪار بڻيل آهي مارڪيٽ ڪميٽي پاران ترقياتي ڪم نه ٿيڻ سبب واپاري برادري سخت پريشاني ۾ مبتلا رپورٽ موجب صدر سبزي فروٽ ڪميشن ايجنٽ ٽنڊوآدم اڪبر حسين چغتائي ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته مارڪيٽ ڪميٽي کي روزانو هزارين رپين جي آمدني حاصل ٿيڻ باوجود منڊي ۾ ڪا به بهتري نظر نٿي اچي هن چيو ته سبزي منڊي جو اڪشن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

باڊهه ۾ ٻن مقتول نوجوانن جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف وارثن جو مظاهرو

2سال اڳ قتل ٿيل ڏوهيب پنهور ۽ ڏاڙو سندس ڪيس جي فرياديءَ پاءِ وزير پنهور کي قتل ڪيو ويو

بااثر جوابدار ڪيسن تان هٿ ڪڻڻ لاءِ ڌمڪايون رهيا آهن، اختيارين نوٽيس وٺن: وارث

باڊهه (ن ع) باڊهه ۾ پنهور برادري جي ٻن مقتول نوجوانن جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف وارثن پاران هنگامي پريس ڪانفرنس ڪئي وئي ان موقعي تي ڳالهائيندي ڪامريڊ رياض پنهور سڪندر پنهور صابر پنهور بشير پنهور ۽ ٻين چيو ته 2 سال اڳ قتل ٿي ويل ڏوهيب پنهور ۽ ڏاڙو 3 ڏينهن اڳ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

وڳڻ پرسان لهنڊڙ روڊ لاءِ شاخ جي ڪپرن تان مٽي کڻڻ خلاف علائقي واسين جو مظاهرو

نصير شاخ ۽ ڪمو واهه مان ٺيڪيدار پاران ڪرين ذريعي مٽي کڻڻ سبب ڪپر ڪمزور ٿيڻ لڳا

رهواسين جو ٺيڪيدار خلاف احتجاج اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

وڳڻ (ن ع) وڳڻ شاخ نصير شاخ ۽ ڪمو واهه مان مقامي ٺيڪيدار پاران لهنڊڙ روڊ لاءِ ڪرين مشين ذريعي شاخ ۽ واهه جي ڪپرن تان مٽي کڻائڻ خلاف علائقي واسين ٺيڪيدار خلاف ڏانهيندي چيو ته وڳڻ شهر جي ٻاءِ پاس روڊ جي تعميراتي ڪم لاءِ بااثر ٺيڪيدار غلام نبي جوڻيجو بجيت بجائڻ جي ڪوشش ۾ آبپاشي عملدارن جي ملي ڀڳت سان مٽي ٻاهران آڻڻ بجاءِ نصير شاخ ۽ ڪمو واهه جي ڪپرن مان ڪرين مشين ذريعي مٽي کڻائي رهيو آهي جنهن سان شاخ ۽ واهه جي ڪپرن ۾ وڏا کڏا پئجي ويا آهن ڪپر ڪمزور ٿيڻ سان

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: ڌاڙي جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف لال مالهي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوباگو لڳ تيز رفتار ڪار جي ٽڪر ۾ 8 سالن جو معصوم نينگر فوت

جهڏو روڊ تي ڪيرول وٽ ڪار جي ٽڪر ۾ عابد ملاح موقعي تي فوت ٿي ويو

لاش اسپتال منتقل، ڪار خليق جمالي جي ٻڌائي پئي وڃي، ڪيس داخل نه ٿيو

ٽنڊوباگو (ت ر) ٽنڊوباگو لڳ تيز رفتار ڪار جي ٽڪر ۾ 8 سالن جو معصوم نينگر فوت، خبر موجب ٽنڊوباگو جهڏو روڊ تي بس اسٽاپ ڪيرول وٽ تيز رفتار ڪار جي ٽڪر ۾ 8 سالن جو معصوم نينگر عابد پٽ الهڏنو ملاح فوت ٿي ويو جنهن جي لاش کي تعلقه اسپتال ٽنڊوباگو آندو ويو آهي جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ڪار حاجي سائين

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

باڊهه: مقتول پائرن ڏوهيب ۽ وزير پنهور جا وارث پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

LATIF KAPADIA
MEMORIAL WELFARE TRUST
The Purpose of Life is a Life of Purpose!



لطيف ڪپاڈیا
27 مارچ 1934ء تا 29 مارچ 2002ء
انسانیت کی خدمت
تھا جس کی زندگی کا مقصد
لطیف کپاڈیا کی برسی کے موقع پر LKMWT انھیں خراجِ تحسین پیش کرتا ہے
جو انسانیت کی خدمت کو اپنی زندگی کا مقصد بنانے والے اس عظیم فنکار کے نقشِ قدم پر چل کر
کراچی کے کئی پسماندہ علاقوں میں علاج معالجے کی سہولیات فراہم کر رہا ہے۔
Bank Alfalah Limited: 0020-1001615919
IBAN: PK09ALFH0020001001615919
Faysal Bank Limited: 3404301000002690
IBAN: PK32FAYS3404301000002690
www.lkmwt.org | /lkmwt | /lkmwt_official | /lkmwt_official

ٽالهي لڳ پيپل برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 7 ڄڻا زخمي

ڳوٺ 17 ۾ معمولي ڳالهه تان ٿيل جهيڙي ۾ لٺين ۽ ڪهاڙين جو آزادانه استعمال

زخمين ۾ موتي، پوڙهو هريش، رانجهو، دولت پيپل ۽ ٻيا شامل، اسپتال منتقل

ٽالهي (ن ع) ٽالهي لڳ ڳوٺ 17 ۾ پيپل برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو لٺين ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب 7 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا زخمين ۾ موتي پٽ سانوڻ پيپل پوڙهو پٽ سانوڻ پيپل هريش پٽ موتي رانجهو پٽ سانوڻ پيپل دولت پٽ رانجهو پيپل ۽ ٻيا شامل آهن اطلاع ملڻ تي ٽالهي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي ڪٺي ٿاڻي تي آندو جتي ٻنهي ڌرين جي زخمين کي علاج لاءِ ليٽر ڏئي تعلقي سول اسپتال ڪنري ريفر ڪيو ويو پوليس موجب ته پيپل برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙو معمولي ڳالهه تان

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٽالهي: پيپل برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي جا زخمي

لاڙڪاڻي رستي تان گهر ويندڙ 7 ورهين جي ٻارڙي بجلي جي ڪريل تارن ۾ وچڙي سڙي زخمي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي گجڻ پور چوڪ واري علائقي ۾ پنهنجي گهر ويندڙ 7 ورهين جي ٻارڙي مقدس ڏيءُ امتياز سارو بجلي جي 11 هزار تار ۾ وچڙي سڙي زخمي ٿي پئي جنهن کي وارثن زخمي حالت ۾ ڪٺائي چانڊڪا

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ڪينجهر ڍنڍ مان لاڙڪاڻي واسي نوجوان جو لاش هٿ، ايڌي حوالي

ٺٽو (ڊ ر) ڪينجهر ڍنڍ مان لاڙڪاڻي واسي نوجوان جو لاش هٿ، پوليس لاش

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: ڦر دوران ڪوچ تي فائرنگ دوران زخمي ٿيل ڪوچ ڪلينر غلام مرتضيٰ پيو اسپتال داخل آهي

مورو لڳ ٻهه سان ڀريل ٽرڪ ڪلٽي، هڪ مزدور زخمي

حنا فلور مل جي سامهون ٻهه سان ڀريل ٽرڪ اوچتو ڪلٽي ٿي پئي

ٽرڪ ڪلٽي ٿيڻ سبب هڪ مزدور زخمي ٿيو، اسپتال منتقل

مورو (ن ع) دادو مورو لنڪ روڊ حنا فلور مل جي سامهون ٻهه سان ڀريل ٽرڪ اوچتو ڪلٽي ٿي وئي هڪ مزدور زخمي ٿي پيو جنهن کي واٽ ويندڙن رڪشي ۾ ڪٺائي اسپتال آندو ويو ٽرڪ جو مالڪ سيٺ اعتبار سيلار ٻڌايو پيو وڃي ٽرڪ جي ڊرائيور ٻڌايو ته سامهون اوچتو ڪار اچي وئي جنهن کي بچائيندي ٽرڪ ڪلٽي ٿي پئي آهي ٽرڪ ڪلٽي ٿيڻ سبب بجلي جي ٿنڀي کي نقصان پهتو آهي سيپڪو مورو انتظاميه کي اطلاع ملڻ ڪانپوءِ سٽي 3 جي بجلي بند ڪري ڇڏي آهي

سيوهڻ ويجهو ڪوچ ۽ ڪارن جي مسافرن کان لکين رپيا ڦر، فائرنگ، مزاحمت تي ڪلينر زخمي

ڳوٺ ٽنڊو شهبازي وٽ انڊس هاءِ وي تي 10 هٿياربندن مسافر ڪوچ ۽ ٻن ڪارن کي روڪي ڦرلٽ ڪئي

مسافرن کان لکين رپيا روڪ سونا زيور ۽ موبائيل فونون ڦر، مزاحمت ڪندڙ غلام مرتضيٰ پيو مرٽينگ

جوابدار فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا، زخمي ڪلينر کي طبي امداد بعد حيدرآباد نيو ويو، اطلاع باوجود پوليس نه پهتي

سيوهڻ (ن ع) سيوهڻ ويجهو ڳوٺ ٽنڊو شهبازي وٽ انڊس هاءِ وي تي 10 مسلح جوابدارن مسافر ڪوچ ۽ ٻن ڪارن کي هٿيارن جي زور تي روڪي ۽ فائرنگ ڪري گاڏين جي مسافرن کان لکين رپيا روڪ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي لڳ گم ٿيل معصوم نينگر جو چچريل لاش هٿ آيو، ماس ڪتن پٽي کائي ڇڏيو

نينگر نانجي عرف نينو ولد رام چند اوچتو گم ٿي ويو، وارث سڄي رات ۽ ڏينهن ڪيس ڳوليندا رهيا

نينگر جو لاش چچريل حالت ۾ هٿ آيو، رولو ڪتن سندس ماس پٽي ڇڏيو، مڙهه تعلقي اسپتال آندو ويو

ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي، گهر ۾ ڪهرام، نينگر کي اغوا ڪري قتل ڪرڻ جا چوٻول

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو) ڪوٽڙي لڳ خانپور جو رهواسي هڪ ڏينهن اڳ گم ٿيل 8 سالن جو نينگر نانجي عرف نينو ولد رام چند ڪولهي جو لاش چچريل حالت ۾ هٿ آيو آهي مقتول جي جسم جي ڪجهه

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: پراسرار گم ٿيڻ کانپوءِ قتل ٿيل نينگر جو فائل فوٽو

وفاقي حڪومت پاران ڪراچي کان ميرپورخاص هلندڙ ٽرينون بند ڪرڻ خلاف مظاهرو

سروري جماعت ٽرينون بند ڪرڻ خلاف مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

ٽرينون بند ڪري هتان جي غريب عوام سان سراسر زيادتي ڪئي وئي آهي: مظاهرين

ميرپورخاص: وفاقي حڪومت پاران ڪراچي کان ميرپورخاص ۽ کوکرا پار هلندڙ ٽرينون بند ڪرڻ خلاف سروري جماعت پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ٽرينون بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آن موقعي تي اڳواڻن خليفو عبدالرزاق خاصخيلي ،خليفو غلام نبي سروري سومرو ضلع ڪائونسل ميمبر عبدالستار خاصخيلي ، نزاڪت ميرجت،علي نواز ڪيريو چيو ت ٽرين جيڪا غريب عوام لا سستي سفري سهولت هئي هن مهنگائي جي دور ۾ تازو وفاقي حڪومت ۽ ريلوي کاتي پاران ڪراچي کان ميرپورخاص هلندڙ شاهه لطيف ايڪسپريس ۽ ڪوٽڙي کان

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ميرپورخاص: ڪراچي کان ميرپورخاص ۽ کوکرا پار هلندڙ ٽرينون بند ڪرڻ خلاف سروري جماعت پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

خيرپور ناٿن شاهه ۾ پيءُ ۽ پٽ جو پوليس خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) عبدالرحمن ٻگهيو ۽ سندس پٽ عبدالفتاح ٻگهيو ميڊيا اڳيان ڏانهيندي چيو آهي ته پوليس هنن کي هٿ وٺي ڏوهن جي دنيا ۾ ڌڪي رهي آهي پهريان ايس ايڇ او غلام حيدر چانڊيو ۽ هاڻي ايس ايڇ او قمرالدين ٿيبو ۽

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد پوليس ڪارروائي، ڪار مان 110 ڪلو چرس هٿ، جوابدار فرار

جيڪب آباد (ڊ ر) ايس ايس پي فيضان علي جي هدايتن تي پوليس جون ڪاروايون جاري، جيڪب آباد جي آباد ٿاڻي جي ايس

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

بلوري گهاڙي واهه ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف مختلف برادري جو احتجاجي مظاهرو

ڏيگا، لاشاري، مگسي برادري جي ڳوٺاڻن مظاهرو ڪري پاڻي کوٽ خلاف نعريبازي ڪئي

پاڻي کوٽ سبب زمينون غيرآباد پيل آهن ۽ چوپايو مال مرڻ شروع ٿي ويو آهي: مظاهرين

ميرپوربٺورو (ن ع) ميرپوربٺورو تعلقي جي گهاڙي واهه ۾ پاڻي جي مسلسل کوٽ خلاف ميرپوربٺورو لڳ جاڙا واهه اسٽاپ تي سوهڻ ڪوڙ ڏيگا لاشاري مگسي برداري جي ڳوٺاڻن جو احتجاج مظاهر ڪيو ويو مظاهرين چيو ته مسلسل ٻارهن مهينن کان گهاڙي واهه جو پاڻي بند پيل آهي پاڻي جي کوٽ سبب زمينون غيرآباد پيل آهن ۽ چوپايو مال مرڻ شروع ٿي ويو آهي ٻارهن

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس ڪارروائي، چرس ۽ غير قانوني هٿيار هٿ، 2 جوابدار گرفتار

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جي ٿئين ايس ايس پي رٽائرڊ ڪيپٽن امير سعود مگسي چارج سنڀالڻ کان پوءِ منشيات جي اڏن ۽ امن دشمن عنصرن خلاف ڪاروائيون تيز ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي اهو حڪم هن پوليس

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ پي ايس ٽي استادن جو پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج

مظاهرين 9 مهينن کان پگهارون نه ملڻ تي ڊي اي او آفيس اڳيان مظاهرو ڪيو

نون مهينن کان پگهارون نه ملڻ سبب گذر سفر ڏکيو ٿي ويو آهي، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

خيرپور (ڊ ر) ايس ٽي آر تحت ڀرتي ٿيندڙ پي ايس ٽي استادن طرفان گذريل نون مهينن کان پگهارون نه ملڻ خلاف ڊي اي او آفيس خيرپور اڳيان احتجاجي مظاهرو مظاهري جي اڳواڻي علي احمد شر، بلاول راڄپر، سيد حسن شاهه، جاويد ميمڻ ۽ نصرالله ملاح ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

Oil & Gas Development Company Limited
ogdc the energy

INVITATION TO E-BID THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-SYS-CB-60-3806-317477508-2026	SAP UPGRADE AND IMPLEMENTATION	16.04.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDC-SCM-LD-PT-PENFD-316929769-2026	HELIUM GAS CYLINDERS	16.04.2026 AT 1130 HRS
3.	OGDC-SCM-LH-CB-EXPL-316826130-2026	CIVIL WORKS MATERIAL	16.04.2026 AT 1130 HRS

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **05.02.2026**, it is notified that the bid submission/opening date of the following case is extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-FC-CB-PROJ-BETTANI-312028840-2026	HIRING OF ENGINEERING, PROCUREMENT, CONSTRUCTION & COMMISSIONING (EPCC) CONTRACTOR TO EXECUTE THE BETTANI FIELD DEVELOPMENT PROJECT INVOLVING DESIGN ENGINEERING, PROCUREMENT, CONSTRUCTION, INSTALLATION/ ERECTION, PRE-COMMISSIONING, COMMISSIONING AND START-UP (INCLUDING PERFORMANCE TESTING AND RELIABILITY GUARANTEE TEST)	29.04.2026 AT 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area,
Islamabad, Pakistan.
Tel: +92 (51) 920023652/3780
ogdcl.com
No. 139/54
LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.